آن لائين
# ڪاوش
# دنيا
آچر 25 جنوري 2026ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya

## نئين ويچار ڌارا وارو ليکڪ وڇڙي ويو





## سيارو ۽ ڪجهه واقعا

هِن پرچي جا ليکڪ:

ادل سومرو
منظور مارفاڻي
ناظر محمود
آفتاب سومرو
الهه بخش راٺوڙ
قربان منگي
وسيع الدين جوڻيجو
ساڀيان سانگي
محمد اقبال جاکرو
سرمد کوسو
بختاور رزاق درس
نفيس فاطمه جعفري
پوَن سنڌي
رحيمداد جوڳي
ديدار معصوم
فدا حسين ابڙو
امداد جسڪاڻي
عباس جنگواڻي

شاعري:

اطهر منگي
علي دوست عاجز
وسيم سومرو
انجم قاضي
انور سانول
نماڻو صديق مهيسر
معشوق محسن ابڙو
وفا گل محمد جمالي
مهر فقير
عبدالرسول "دربان" خاصخيلي

# اُهي اڳوڻا سيارا ڪٿي هِنِ!

منظور مارفاڻي



هن دور جو ماڻهو ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهي. سيءَ جهلڻ جي همت منجهس ختم ٿي وئي آهي. سڄي سنڌ ۾ ڪٿي بہ پارو مائينس ناهي ٿيو. يقينن فيس بڪ هلائڻ وارن ڪي ٽچ فون بہ هوندي. گهرجي ڪمرن ڪي در دريون بہ هونديون. ہيو نہ تہ نيلامي ڪوٽ، لوئي، ڪنبل تہ هوندو. پوءِ بہ رڙ تي پوي پئي. اڙي يار، چوٽا سياري جي موسم کي بدنام ڪيو. منهنجي خيال ۾ ماڻهن جو ڏوهہ بہ ڪونهي. اهو سڄو ڪمال هائبرڊ جو آهي: گوشت، ڪير، مکڻ، تيل، اناج، سبزي، فروٽ ۽ سولر جي بجلي ڪان ويندي ياري دوستي، رشتا ناتا سڀ هائبرڊ ٿي ويا آهن. هڪڙو ٻروچ جهل مگسي مان ٻارن لاءِ ڪُلفِيون وٺي گهوڙي جي ڪُڙجِينَ ۾ وجهي ڳوٺ آيو. ڏسي تہ سڪٽيون ڪائيون پيون آهن. گوڏي تي چنبو هڻي دانهن ڪري چيائين، "اَبُورَ جهل ۾ بہ ٻوهُ ڪاهي پيو آهي." ٻُوهَ اندر کي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو آهي.

مونکي ياد ٿو اچي تہ، اونهاري جي برساتن ۾ بَدام ڍنڍَ ڀربي هئي. ڪَارِڙِي واري ڏَڙِي جي اولهہ ۾ تِرِڪَڻِ واري ڏورِي تي بابا نارُ چاڙهائيندو هو، جنهن جي سنڀال توشو خان گاڏهي ڪندو هو. ڏاچي وهندي هئي. خاموش رات جو نار جي لوٽن مان پاڻي ڪِرڻ، نار جي رِينگٽَ جي آواز سان گڏ نِيرَڳِن جي گِهينڪِ گهينڪ ۽ آڙِين جا ٽُهڪَا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. سج نڪرڻ کان پوءِ لَيُن ڏاٻي جي چوٽين تي ماڪ جي ڦُڙَن جي اَڇَ ۽ ننڍا وڏا ڪَڏَا ڪُوپا ڄمي برف جا چَڪَ ٿي پوندا هئا. رهڻ لاءِ ڇَپَرَ، ٽُوٽِين واري ٽَنگُوٽِي. اَتَرَ ڏانهن اوٽَ سا بہ لَئِيُن جا پَنَ ڇٽِين ٽَارَا. پاسا کُليَلَ. ڪَانوَ هِيڏَهُون اچن هُوڏَهُون هليا وڃن. چانور جَٽَارِ جي ڪَچي پَڪِي ماني ٽَانڊَنِ تي سيڪي ڪڙڪ ڪري سَرِهَن جو ساڳ مُڇُو يان ڏُوڪَ ڪائي گَڏلِي سَوَڙِ ٻِنا ڇَ وَجي مٿئون وجهي لَتَ ڏئي سمهي پوندا هئاسين. سيءَ جي پرواهہ ئي نہ هوندي هئي. پاڻي توشو وراڻيندو هو. مان بہ همراهي ڪرائيندو هوسانس. هٿ ڪَانِيون ٿي وڃن، پر ڪڏهن دانهن ٻڌڻ ۾ نہ آئي. ننڍي هوندي ٽامي جون ٽالهيون پيري چن جي مٿان رکي صبح جو ڏسندا هئاسين تہ پاڻي چَڪَ ٿي ڄمي پوندو هو. ٻارن کي لنڊي قميص. وِچو پَاتِي پُوتِڙُو. رات جو اَڪَ ٻُوٽَ ڪيڏندا. صبح جو آلي مٽي جا گليلا ٺاهيندا. نہ پاڻ کي پرواهہ هوندي هُئَن، نہ ماءُ پيءُ رڙيون ڪندا هئا تہ، "پٽ، مٿان ٻاهر نڪرين. ڏند ڪڙڪي پوندئي."

ماڻهن کي خبر هئي تہ اسان وٽ هر سال سردي گرمي ٿيندي آهي، جيڪا اسان جي لاءِ تمام ضروري بہ آهي.



سياري جي موسم ۾ اتر جون هوائون لڳنديون آهن. سج ڏکڻ طرف، چانو اتر ٿيندي آهي، تنهن ڪري گهرن جا مُنهن ڏکڻ يا اوڀر طرف ڪندا هئا. هوا بہ نہ لڳي. ٽِڙڪي جو بہ مزو وٺجي. ڪَچِڙِي منجهند جو چانورن جي مَکِيَل ماني ۽ ڳهاتِي لَسِي يا ڏَٿُونري سان نَيَرَن (branch) ڪري اجرڪ مٿئون وجهي جڏهن ماڻهو سمهي پوندو هو تہ هيڏهون هوا بند، هوڏهون مٿئون سج جي تپش ۽ ٿوري چانوَ. سڪون جا اهي ڏينهن ڪڏهن بہ وساري نہ ٿا سگهجن.

هڪڙي پيري تہ اهڙي ٿڌ بہ ڏٺي سين جو وڃي ٿيا سَت خير. منهنجو سئوٽ قربان علي ۽ مان شڪار سانگي اسر مهل گهران بندوقون ڪڍي نڪتاسين. هٿ ڪَانِيُون ٿي پيا. باهہ ٻارڻ جي ڪوشش ڪئي سين. آڱرين ۾ ايتري طاقت نہ هئي جو ماچيس کي زور ڏئي تيلي ڪڍي ٻارجي. پو بہ ڪا پرواهہ نہ هئي تہ متان ٿڌ هٽي ڪيرائي نہ وجهي.

ان زماني ۾ چا تہ پارا پوندا هئا. صبحِ جو اٿي ڏسبو هو تہ ڪٽڪ ڪُومَائجي ڪُرندي تي پوندي هئي. تڏهن سيڪو چوندو هو، "يارَ، اڄ تہ پاري صفا هَٽي وڌو آ. ڪٽڪ ساڙي وڌي ٿَئين."

ميربحر مڇي مارڻ لاءِ پاڻي ۾ سِڱريون وجهندا هئا. جنهن ۾ مڇي سيءُ جي بچاءَ خاطر وڃي لڪندي هئي. (سِڱريون مطلب پاڻي ۾ لين ڪندين جا ڍِنگهَرَ وجهجن. مڇيءَ کي گهٽي ٿَڌِ لڳي تہ اتي اچي گهٽِسُ ٿئي.)

ہيو انهن ڏينهَنِ ۾ مڇرن جا پُڄ ڊِگها ٿي پوندا هئا. هيٺ مٿي پيا ٿيندا. جنهن تي چيو ويندو هو، "اڙي، هُو ڏسو، مڇر هيٺ مٿي پيا ٿين." معنيٰ هنن جو موت اچي ويو آ. ان کان سواءِ ڪَڪَرِ جي ڏينيوءَ جو ڏَنگَ اثر ڪو نہ ڪندو هو. توڙي جو اهي ٿلها بہ ٿي ويندا آهن. ان تي مُحاورو بہ آهي تہ، "الاٽو فلاٽو بہ سياري وارو ڏينيو آهي، اجايو سجايو ڦوڪيو ٿو وتي."

شابس وري انهن چورن کي بہ هوندي هئي، جيڪي هيڏين سارين ڊگهين ڳُگ ٿيل راتين ۾ ڊورُ ڪاهي نڪرن. گهٽائي ڳالهہ ڪجي، تڏهن بہ پَڪُ پَڪان پندرهن کان ٽيهہ ڪلوميٽر تہ پيرُ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا ويندا هئا. سو بہ ڪٿي ٻنين مان، ڪٿي آڙَنِ مان، ڪٿي واٽر جي تَرِي سان بہ مينهن کي لاهيون ويندا هئا. پير لڪائڻ لاءِ.

چوري گهٽون ڪري سياري جو ٿيندي آهي. ڊگهيون راتيون، ماڻهو گهرن ۾، مال ٻاهر. اونهاري جو مال ۽ ماڻهو آڱر تي گڏ ئي هوندا آهن. ڪچي جا چور بہ پنهنجو مُٽ پاڻ هوندا هئا. جيڪي مينهون چورائيندا هئا درياهہ جي هِنَ پارَ کان هُنَ پارَ ڏانهن. سي بہ انهن ڏينهنِ ۾، جڏهن تَهَہ پارا پَوَنِ. چو تہ ان مند ۾ پاڻي لهندو آ. اونهاري جو تہ وڏي پاڻيءَ سان درياهُ جا ڪُنَ ۽ چوليون ۽ ويڪر ڪراس ڪرڻ جي پيٽي ناهي هوندي.

اهڙي وقت ۾ چور ۽ پاڳيا ويڙهہ لاءِ ڪا ڪُهاڙي، بندوق، پستل، تَمَانچو، ڪجهہ بہ ڪو نہ ڪڻندا هئا. سِيٽَهِہ هوندي هُيَنِ يا مَٽُ دِلُو. اهو اونڌو ڪري پيٽ هيٺان رکندا هئا يا سِيٽَهِہ کي ڦوڪي. سو ان لاءِ هٿيارُ ڪڻندا هئا پَٽَرَ. پاوَ جو پَٽَرُ، ڏيڍ پاءَ جو پَٽَرُ. اهي پَٽَرَوَرَ ۾ وجهي هلندا هئا. (جنهن لاءِ سنڌ ۾ شرارتي ماڻهو اهو بہ محاورو ڏيندا آهن تہ "يارَ، تون جنهن ڳوٺ ۾ وڃين ٿو تہ پنج پٽر ور ۾ وجهيون ٿو وڃين!" چو تہ پاڻيءَ جي جهيڙي ۾ پيرَ ناهن کُپندا، انڪري دلن، مٽن تي پنيان ايندڙ پاڳين جي يا ساڳي طرح چورن جي انهن سهارن



کي نشانو بڻايو ويندو هو ۽ چيو ويندو هو تہ، "مَٽَ کي پَٽَرُ لڳو، جڻ چورَ کي گولي لڳي." چو تہ پَٽَرُ لڳڻ سان مَٽُ پڃي پوندو ۽ چورُ ٻڏڻ لڳندو هو. کي چور وڏا تارو هجڻ ڪري ايڏي ٿَڌِ ۾ درياهُ بہ چيري نڪري ويندا هئا.

غضب جي انهن ٿڌين راتين ۾ ماءُ بہ ٻارَ کي ٿَڄَ ڏيڻ کان لنوائيندي هئي. ماڻهو اصل ڇُري ئي نہ سگهندو هو. ڪنگهندو هو تہ بہ سَوَڙِ ۾ مُنهُن هڻي. پوءِ بہ ماڻهو اڄ جيان دانهن ڪو نہ ڪندا هئا. صبح سان پنهنجي دنياداريءَ سان، مال متاع سان مُنهُن ڏيندا هئا. هاري ناري، جن جي ڪٽڪ جي پاڻيءَ جا وارا هوندا هئا. انهن وارن تي اهي ڪوڏرون ڪلهن تي رکي وڃي پاڻي وارائيندا هئا. اهي بہ تہ ماڻهو هئا. پر چا هُئو، تہ اهي هائبرڊ ڪو نہ هئا!

اسان تہ اهڙا پارا بہ ڏٺاسي ٻڌاسي، جو صبح جو ساجهُرِوچ تہ پکي بہ پاڻيءَ کان ٻاهر نڪري ڪاٺي سُڪِي ڏَڙِي جي ٽِبِي تي ڪوهڪ ٽنگ تي، تہ ڪو پيٽُ ڪوڙيون پيو آ. سج جي ڪرڻن جو مزو پيا وٺن ۽ اَئُوسَرِ ڪيون پيا آهن. ڪَنيَ ڪو نہ ڪوليندا هئا ۽ ڪرندا لڳا پيا هوندا هئا.

ان وايومنڊل ۾ ميربحر ويچارا وري بدامَ ڍَنڍَ تي، وَنجَهہ ڪلهن تي. ڪڏهن ٻيڙين تي، تہ ڪڏهن پاتيلي تي، تہ ڪڏهن وري تَرِتي.

۽ تَرِتي جيڪو ميربحر مڇي ماري ٿو، اهو تہ مڪمل پاڻيءَ ۾ هوندو آ. جو تَرِ جيڪا ٿيندي آهي، سا سائي پَنِ کي وڏي ٻن ٽن پرين جيتري ڪري، ان کي وري پَنِ جو رسو وَٽي، ناهي ۽ ٻڌي، ان تي چڙهي ويهندا هئا. جيڪا ظاهر آهي تہ پُسيل ئي هوندي هئي. هاڻوڪي زماني ۾ وڏيرڪين اوطاقن تي توڙي جو مَچَ ڪچهريون ضرور ٿين ٿيون، پر غريب غربن ۾ اڄ اها همت ناهي تہ سردين ۾ اڳ جيان باهہ ٻارين. چو تہ هن دور ۾ ڪاني، ڪِلِي، ڇَيٽُو، چُوڏُو، پلال، پُورُو، سڀ پئسن جو ٿي ويو آهي.

تن ڏينهن ۾ شهرن جي فرش بندي ڪو نہ هئي. اڌ رات جو ٻُهارِي دارن سان گڏ پکالي مَشڪَ ڪٽي نڪرندو هو. گهٽين ۾ ڪجهہ ديوانن جا ڪوهہ اڌُ گهر ۾ اڌ ٻاهر هوندا هئا. لوٽو رسو بہ پيو هوندو هو. ان لاءِ تہ آيو ويو بہ پاڻي پيئي ۽ پکالي بہ پکال پري رستن تي ڇٽڪار ڪري. اهي پکالي اَسرويل پاڻي سان ڪيڏندا هئا ۽ ڊيوٽي مزي سان سرانجام ڏيندا هئا. ڪڏهن سياري جون موڪلون نہ ڪيائون.

انهن سخت سيارن ۾ هڪ پيري ڪو ماڻهو سيءَ ۾ ڏڪندو ڪنهن ٻرندڙ مچ مٿان ڪُوڙُو ڏئي هٿ سيڪڻ لڳو تہ ازخود ٿڌي ساهُ سان چئي ڏنائين، "هاءِ ڙي هاءِ، شل قبر وچ بہ هوسين."

ڪڏهن ڪڏهن ويٺي ويٺي ڳيڪ اچي ويندو آهي. ڳچ سالن جي ڳالهہ آهي. نئون سال ملهائڻ جبل وياسين: محترم نوابزادا شاهنواز خان، ڊاڪٽر نظير شيخ رٽائرڊ ميجر جي ايم شيخ ۽ تاهڙ ميمڻ. رات باجڪ تي پئي. صبح جو جبل گهمندي شام ٿي وئي. واپس ٿياسين ڳوٺ لاءِ، پر شڪار جي لُونجهہ. هڪ وڏي جبل تي نِيرڙِي ٽيپهَرِي جو جيپ سان مسئلو ٿي ويو. جبل جي چوٽي گِدَڙَ اُونڌهہ ٿي وئي هئي. ڪاٺي ڪلي لاءِ هَٿُوفَارِيون ڏنيون سين. ڪلاڪ ٻن جي گذاري جون هٿ آيون. شاهنواز خان ماڻهو تہ پڇايو سئوٽ نواب سردار خان جي بنگلي تي. پوءِ ڪوهيڙ چوي تہ، اڄ نہ ڪِران تہ ڪڏهن ڪِران. برداشت کان ٻاهر پارو. گاڏي ۾ صرف هڪ رلي، جيڪا ماڪ ۾ پُسِي نپوئڻ جهڙي ٿي وئي. ڪانيون بہ پُوريون ٿي ويون. بسيتن سگريٽن جا خالي پاڪيٽ ساڙي رلهي کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آلي رکهي ڪٺان ٻري. اڌ منو ڪلاڪ گرم پٽرن تي هٿ رکي سيڪيا سين. اهي بہ پورا ٿيا. نيٺ هَاجت هاري ويٺاسين. زندگي بچائڻ لاءِ صلاح مشورا شروع ڪياسين تہ، ڪيئن بچئون. هڪ ٻئي کي تمام سوڙها ٿي ڪُتُر ڪري ويٺاسين. موت ۽ گاڏي جي انتظار کان سواءِ ٻي ڪا بہ دنيا ياد نہ هئي. اهو بہ سوچون پيا تہ، هن انڌيري رات ۾ هَٽُ نہ ڏسي هٿ کي، ڪنهن رستي تي بہ ناهيون. جبل گُونَاگُونُ آهن. همراهہ اسان کي ڳولهي ڪيئن سگهندو، پر سندن ڊرائيور تجربيڪار آهن. نيٺ ڳولهي لڌائين. اسان بہ جهڙوڪر ڪومان مان نڪري آياسين. جُت تہ ٻي ٿي. شڪار جي گاڏي هئي. نہ هُدُ، نہ شيشو. ڪوهيڙ جو پاڻي پِنبڙين مان پيو ڪِري. پنل ڪپڙن تي هوا ٽِٽِر پئي ڪدي. خدا ڪري گهر پيڙا ٿياسين.

تہ، اهي تہ سيارا ۽ سِيءَ بہ ماڻهو ڪدي ويا. هاڻي تہ اهڙن ڳڳاٽيل سيارن لاءِ اصل سِڪي مئا آهيون. الائي چو اهي موٽن ئي نٿا! ■

هڪڙي پيري تہ اهڙي ٿڌ بہ ڏٺي سين جو وڃي ٿيا سَت خير. منهنجو سئوٽ قربان علي ۽ مان شڪار سانگي اسر مهل گهران بندوقون ڪڍي نڪتاسين. هٿ ڪَانِيُون ٿي پيا. باهہ ٻارڻ جي ڪوشش ڪئي سين. آڱرين ۾ ايتري طاقت نہ هئي جو ماچيس کي زور ڏئي تيلي ڪڍي ٻارجي. پو بہ ڪا پرواهہ نہ هئي تہ متان ٿڌ هٽي ڪيرائي نہ وجهي. ان زماني ۾ چا تہ پارا پوندا هئا. صبح جو اٿي ڏسبو هو تہ ڪٽڪ ڪُومَائجي ڪُرندي تي پوندي هئي. تڏهن سيڪو چوندو هو، "يارَ، اڄ تہ پاري صفا هَٽي وڌو آ. ڪٽڪ ساڙي وڌي ٿَئين."

# باهہ تي سياست

اوهان کي وڏا پلازه ، شاپنگ سينٽرس، ۽ وڏيون فيڪٽريون سنڀالڻ نٿيون اچن. انڪري، مهرباني ڪري اهي نہ ٺاهيو. ننڍا ننڍا دڪان ٺاهيو، جتي ڪو واقعو ٿئي تہ ان تي تڪڙو ڪنٽرول ٿي سگهي. اسان ڪراچي ۾ پلاسٽڪ مارڪيٽ کي باهہ لڳندي ڏٺي، اسان بلديہ فيڪٽري کي لڳل باهہ بہ ڏٺي، اسان آءِ آءِ چندريگر روڊ تي واقع صائمہ ٽريڊ ٽاور جي باهہ بہ ڏٺي، ۽ هاڻي اسان گل پلازه کي لڳل باهہ بہ ڏٺي، جيڪا وس ڪرڻ کانپوءِ بہ سرڪار تڪڙي وسائي نہ سگهي، ۽ وڏو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو.
جڏهن اهڙن واقعن کي روڪڻ جي نہ اسان وٽ جديد سهولت آهي، نہ صلاحيت آهي ۽ نہ رٿابندي آهي، تہ پوءِ اهڙا خطرا ڇو ٿا کڻون، ڇو ٿا عام ۽ معصوم ماڻهن جي زندگين کي اوڙاهہ ۾ اڇلايون؟ لڳايو پابندي اهڙن وڏن شاپنگ سينٽرس جي ٺهڻ تي. ماڻهو خريداري تہ ڪٿان بہ ڪري سگهن ٿا. هو تہ ريڙهن تان بہ ضرورت جون شيون وٺي سگهن ٿا. هو تہ فوٽ پاٿ تان بہ خريداري ڪري سگهن ٿا. وڏي شاپنگ مال يا مرڪز مان خريداريءَ جي عياشي ڪرڻ جي اسان اجا قابل ناهيون ٿيا.
گهڻا سال اڳ جڏهن مان گل سينٽر ويو هئس ۽ ان جي بيسمينٽ ۾ ويو هئس تہ هڪ غار جهڙو اهو ٺهيل ڏسي ڊڄي ويو هئس. ائين جڏهن وڏن شاپنگ سينٽرس تي ويندو آهيان تہ، سچ پڇو تہ اندر انهن کي ماڻهن ۽ مال سان ٽٻيل ڏسي پهريان ئي ان خيال جي زد ۾ اچي ويندو آهيان تہ، جي هتي باهہ لڳي پئي تہ، ڪيئن ٻاهر نڪرنداسين؟ ايترا ماڻهو ڪيئن چند سيڪنڊن ۾ پنهنجون جانيون بچائي ٻاهر نڪري سگهندا؟ اهو ڊچ ٻين ماڻهن کي بہ ٿيندو هوندو.
سو انساني زندگيون وڏي وٿ آهن. انهن کي ائين باهين ۾ ساڙي خاڪ ڪرڻ، انسانيت ناهي. انهن جو قدر ڪجي. انهن کي اهڙن خطرن کان بچائجي، جيڪي اسان پاڻ ٿا، هٿ سان پيدا ڪريون. غلط پلاننگ تہ اهڙن واقعن کي جنم ڏئي ٿي. افسوس جو اهڙن خوفناڪ ۽ مارينڊڙ واقعن ۾ انساني زندگيون بہ ختم ٿين ٿيون تہ، انساني ملڪيتون بہ خاڪ ٿين ٿيون. زندگيءَ جي ميڙي چوندي پسم.
اسان ڪنهن بہ طرح اجا ان جي قابل ناهيون ٿيا جو اهڙا مرڪز قائم ڪري انهن کي سيف زون بڻائي سگهون. اسين يورپ ۾ نہ ٿا رهون. اسين پنهنجي پيل علائقي جا ماڻهو آهيون. اسان کي ڪانوَ وانگر مور جو ناچ نہ نچڻ نہ گهرجي. هي وڏا حادثا اسان جي غلط پلاننگ، اڻڄاڻائي، گهٽ ڄاڻ، لاپرواهي ۽ لالچ جو نتيجو آهن. ميڊيا ۾ آيل رپورٽن موجب ڪجهہ ماڻهو، اهڙن واقعن کي "سازش" قرار ڏين ٿا. حقيقت ڪهڙي بہ هجي، پر جي اسان وٽ اهڙن وڏن حادثن کي مُنهن ڏيڻ جي صلاحيت هجي ها تہ سنڌ سرڪار ايتري بيوس نہ بڻجي ها، جيڪا باهہ لڳڻ کانپوءِ نظر آئي پئي. سنڌ جي گاديءَ واري شهر جي اندر پيدا



ٿيل اها صورتحال هڪ وڏو واقعو تہ آهي ئي، پر هڪ وڏو الميو ۽ سوال بہ آهي.
وڌيڪ افسوس انڪري بہ آهي جو ان واقعي کان ڪي بہ ڏينهن اڳ، يعني خميس، 15 جنوريءَ تي پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري اسلام آباد ۾ سنڌ سرڪار جي ڪارڪردگي بيان ڪئي هئي ۽ ان جي ٽئين ڏينهن يعني ڇنڇر ۽ آچر واري رات، 17 جنوريءَ جي رات جو 12 هين وڳي گل سينٽر کي لڳل ان باهہ سندس ڳالهين ۽ دعوائن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. سنڌ سرڪار ان واقعي کانپوءِ يقينن اهڙين جاين جو ضرور جائزو وٺندي، جيڪي خطرناڪ قسم جون آهن، جتي ايمرجنسيءَ ۾ بچاءَ جو ڪو خاص بندوبست ناهي، ۽ بجليءَ جي وائرنگ توڙي اهڙيون ٻيون شيون مڪين وانگر ڀتين سان چنبڙايل آهن، جيڪي ٿوري بہ چڻنگ جي ظاهر ٿيڻ سان جهنگ جي باهہ وانگر پکڙجي، سڀ ڪجهہ ساڙي رک ڪري سگهي ٿي، جيئن گل پلازه ۾ ٿيو. باقي باهہ تي سياست نہ ٿيڻ گهرجي ■ _ انور ابڙو

# سائبر وارفيئر ۾ ايران جي برتري

محمد اقبال جاکرو




ٽيڪنالاجيءَ جي هڪ حيرت انگيز مظاهري ۾ ايران پهريون ملڪ بڻجي ويو آهي، جنهن تازو پنهنجي ملڪ ۾ ٿيل وڳوڙن خلاف ايلون مسڪ جي اسٽارلنڪ سيٽلائيٽ انٽرنيٽ سروس کي پنهنجي سڄي ملڪ ۾ مؤثر طريقي سان غير فعال ڪيو، جڏهن تہ گهڻين ڪوششن جي باوجود روس يوڪرين ۾ اسٽارلنڪ جي آپريشنز کي مڪمل طور روڪڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. ايران جديد صلاحيتون حاصل ڪيون آهن، جن سروس کي ملڪ ۾ تقريباً غير مؤثر بنائي ڇڏيو آهي.

فاربس ميگزين جي رپورٽ موجب، جنوري 2026 ۾، ايران زميني بنيادن تي اسٽارلنڪ کي ڊسٽرب ڪرڻ لاءِ فوجي درجي جي جيمرز استعمال ڪيا، جن اسٽارلنڪ جي سروس کي ملڪ ۾ غير فعال بڻائي ڇڏيو. اهو ايران لاءِ اليڪٽرانڪ وارفيئر ۾ هڪ سنگ ميل آهي. شروع ۾ اهي اسٽارلنڪ ڊيٽا ٽريفڪ ۾ 30 في سيڪڙو ڪمي جو سبب بنيا، جيڪا نسبتاً ڪمزور سيٽلائيٽ سگنلز تي غالب اچي، ڪجهہ ئي ڪلاڪن ۾ 80 في سيڪڙو تائين وڌي وئي. ايران پنهنجي اليڪٽرانڪ وارفيئر وارين صلاحتين ۾ هڪ اهم ڇلانگ جو مظاهرو ڪيو آهي.

فاربس ميگزين جي رپورٽ موجب، جنوري 2026 ۾، ايران زميني بنيادن تي اسٽارلنڪ کي ڊسٽرب ڪرڻ لاءِ فوجي درجي جي جيمرز استعمال ڪيا، جن اسٽارلنڪ جي سروس کي ملڪ ۾ غير فعال بڻائي ڇڏيو. اهو ايران لاءِ اليڪٽرانڪ وارفيئر ۾ هڪ سنگ ميل آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي جيمرز ريڊيو فريڪوئنسي سگنلز کي بلاڪ ڪن ٿا. شروع ۾ اهي اسٽارلنڪ ڊيٽا ٽريفڪ ۾ 30 في سيڪڙو ڪمي جو سبب بنيا، جيڪا نسبتاً ڪمزور سيٽلائيٽ سگنلز تي غالب اچي، ڪجهہ ئي ڪلاڪن ۾ 80 في سيڪڙو تائين وڌي وئي. ايران پنهنجي اليڪٽرانڪ وارفيئر وارين صلاحتين ۾ هڪ اهم ڇلانگ جو مظاهرو ڪيو آهي.
امير رشيدي، ميان گروپ ۾ ڊجيٽل رائٽس ۽ سيڪيورٽي جو ڊائريڪٽر— هڪ غير سرڪاري تنظيم، جيڪا ڊجيٽل رائٽس تي ڌيان ڏئي ٿي— ايران جي انٽرنيٽ منظرنامي کي 20 سالن کان مارڪ ڪري رهيو آهي، ان هن جيمنگ جي پيماني ۽ شدت کي غير معمولي قرار ڏنو، ڪا شيءِ جيڪا هن اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هئي، خاص طور تي رشيدي جا مشاهدا اڪثر اولهہ جي مفادن جي نگراني سان مطابقت رکندڙ نظريي مان ايندا آهن، پر تڏهن بہ هو ايران جي ڪاميابيءَ جي غير معمولي فطرت کي تسليم ڪري ٿو.
اها ترقي صرف انٽرنيٽ جي خلل اندازيءَ کان اڳتي وڌي وسيع تر وارفيئر اڳيرائين تائين ڦهلجي وئي آهي. ڪرٽيڪل ٿريٽس پروجيڪٽ، يو ايس انسٽيٽيوٽ فار دي اسٽڊي آف وار سان گڏجي رپورٽ ڪري ٿو تہ 2025 واري اسرائيل سان ايران جي ٻارهن ڏينهن واي جنگ کان پوءِ ايران هڪ پيشگي دفاعي حڪمت عملي جي حصي طور پنهنجي ميزائل ۽ ڊرون ٽيڪنالاجيز کي بهتر بنائڻ کي ترجيح ڏني آهي.
حميد رضا عزيزي، ايران جو ماهر ۽ جرمن انسٽيٽيوٽ فار انٽرنيشنل اينڊ سيڪيورٽي افيئرز ۾ ويزٽنگ فيلو، انهيءَ کي ايران جي حڪمت عمليءَ ۾ تبديليءَ طور ڏسي ٿو. ان کان علاوه دي ڪريڊل جي رپورٽس، هڪ نيوز پورٽل، جيڪو وچ اوڀر جي معاملن ۾ ماهر آهي، اشارو ڪن ٿا تہ ايران دشمنن، جي ايئر ڊفنس ريڊارز تي جعلي ٽارگيٽس پيدا ڪرڻ لاءِ دشمنن کي غير موجود خطرات سان مشغول ڪرڻ ۾ ڀٽڪائيندڙ ڊجيٽل مينپوليشن ٽيڪنيڪس استعمال ڪري ٿو.
ايران جي اسلامڪ ريوليوشنري گارڊ ڪورپس (آءِ آر جي سي) جي ڪمانڊر چيو آهي تہ، ايراني ميزائيلز کي اسٽيلٿ ٽيڪنالاجي سان ليس ڪرڻ اسرائيل جي علائقائي غلبي کي بنيادي طور چئلينج ڪري سگهي ٿو. هڪ آمريڪي ٿنڪ ٽينڪ: هڊسن انسٽيٽيوٽ، ايران جي ميزائلز جي انٽرڊڪشن حملن ۽ پراڪسي تڪرارن ۾ اثرائتي استعمال کي نوٽ ڪيو آهي، جيڪو ان جي جنگي صلاحيتن کي وڌيڪ مضبوط ڪري رهيو آهي.
ايران جي مهارت ۾ گلوبل پوزيشننگ سسٽم (جي پي ايس) سگنلز کي جام ڪرڻ بہ شامل آهي، جيئن جولاءِ 2025 ۾ اسرائيلي ڊرونز ۽ ميزائيلز جو مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش مان ظاهر ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ اهڙا قدم غير ارادي طور تي شهري زندگيءَ تي اثرانداز ٿي سگهن ٿا. ملٽري واچ ميگزين اوباما انتظاميا واري دور ۾ ڊسمبر 2011 ۾ هڪ اڳوڻي واقعي کي نمايان ڪيو آهي، جڏهن ايران آمريڪي آر ڪيو_170 ڊرون کي جعلي جي پي ايس ڊيٽا انجيڪٽ ڪري پڪڙيو ۽ ان جي ڪنٽرولز کي هاءِ جيڪ ڪري ايراني زمين تي محفوظ لينڊنگ ڪرائي. اهو واقعو، جيڪو هڪ ڏهاڪو پراڻو آهي، ايران جي سگنل مينپوليشن ۾ ڊگهي عرصي جي مهارت کي اجاگر ڪري ٿو، جنهن ۾ ان کان پوءِ رڳو اضافو ئي ٿيو آهي.
جيئن جيوپوليٽيڪل تڪرار وڌن ٿا، آمريڪا _ايران تعلقات لاءِ اثرات سان، ايران اندر احتجاجن، ۽ جديد تڪرارن ۾ سيٽلائيٽ ٽيڪنالاجي جي ڪردار—ايران جي اسٽارلنڪ کي غير جانبدار ڪرڻ جي صلاحيت نہ رڳو ٽيڪنيڪل فتح آهي، پر اليڪٽرانڪ ۽ سائبر وارفيئر جي ترقي پذير منظرنامي ۾ هڪ حڪمت عملي بيان آهي. ■

# ايران تي آمريڪي حملي جو خطرو وڌي ويو ؟

الهه بخش راڻوڙ

آمريڪا، ايران تي حملا ڪندو يا ان جي ايٽمي ٺڪاڻن کي نشانو بڻائيندو؟ معاملو انتهائي حساسيت ۽ سنجيدگي سان خراب ٿي رهيو آهي. آمريڪي صدر ٽرمپ، جنهن جي Moves جي لڪا نه هوندي، اهو ڪنهن به وقت ڪوبه پتو ڪيڏي سگهي ٿو؟ ڌمڪيون ته هو ڏئي رهيو آهي، پر حملي بابت به اشارا سامهون اچي رهيا آهن. ايران تي حملي جي صورتحال وينزويلا جهڙي آهي، ائين جيئن آمريڪا پهريان وينزويلا کي ڌمڪيون ڏنيون ۽ ان ڪانپوءِ سامونڊي علائقي ۾ ڪارروائيون شروع ڪيون ۽ آخرڪار آمريڪي سي آءِ اي جا ايجنٽ صدر جي محلات تائين پهتا ۽ حملو ڪيو ويو. ايران سان به ساڳي نوعيت جي راند کيڏي پئي وڃي.

جن اهو سمجهيو آهي ته شايد آمريڪا، ايران تي حملو ڪرڻ کان پاسو ڪري ويو، شايد اهي درست نه پيا سوچين. ايران لاءِ مشڪل صورتحال اها آهي ته داخلي طور تي اهو مهانگائيءَ جي نتيجي ۾ ٿيندڙ عوامي بيچينيءَ کي منهن ڏئي رهيو آهي، ان سان گڏ ڪنهن کي به خبر ناهي ته آمريڪي ۽ اسرائيلي ايجنٽ ڪيتري حد تائين ايران جي اندر تائين پهچي ويا آهن، يا اهي ڪيتري فاصلي تي آهن. آمريڪا جي سينٽرل ڪمانڊ پهريان ئي وچ اوڀر ۾ چوڪيدار وارو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هاڻ وڏيڪ اڳيرائي ٿيڻ شروع ٿي وئي آهي.

جن اهو سمجهيو آهي ته شايد آمريڪا، ايران تي حملو ڪرڻ کان پاسو ڪري ويو، شايد اهي درست نه پيا سوچين. ايران لاءِ مشڪل صورتحال اها آهي ته داخلي طور تي اهو مهانگائيءَ جي نتيجي ۾ ٿيندڙ عوامي بيچينيءَ کي منهن ڏئي رهيو آهي، ان سان گڏ ڪنهن کي به خبر ناهي ته آمريڪي ۽ اسرائيلي ايجنٽ ڪيتري حد تائين ايران جي اندر تائين پهچي ويا آهن، يا اهي ڪيتري فاصلي تي آهن. آمريڪا جي سينٽرل ڪمانڊ پهريان ئي وچ اوڀر ۾ چوڪيدار وارو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هاڻ وڏيڪ اڳيرائي ٿيڻ شروع ٿي وئي آهي.



پهريان ته آمريڪي صدر اهو اعتراف ڪيو هو ته، ايران ڳالهين لاءِ رابطو ڪيو آهي، پر ان سان گڏ اهو به چيو هو ته ڪهڙي خبر ته آمريڪا، ايران سان ڳالهين جي ميز تي پهچڻ کان پهريان ئي حملو نه ڪري ڏئي. ٽرمپ جي ان ڳالهه کي ايران تي دٻاءُ وڌائڻ سان پيٽ ڏني وئي. ايراني قيادت به جواب ڏيڻ شروع ڪيو ته، ”جيڪڏهن آمريڪا، ملڪ جي ڪنهن به حصي تي حملو ڪيو ته ان کي مڪمل جنگ تصور ڪيو ويندو. اها جنگ رڳو ايران ۾ نه پر سموري وچ اوڀر ۾ وڙهي ويندي. آمريڪي مفادن تي خطي جي هر ملڪ اندر حملا ڪيا ويندا.“ ان سان گڏ ايران ۽ عراق جي وچ ۾، ايراني نار ۾ اهم ڪاروباري، خاص ڪري تيل جي امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ جو لنگهه به آهي، جتان دنيا کي 20 سيڪڙو تيل فراهم ڪيو وڃي ٿو، جنهن کي شط العرب سڏيو وڃي ٿو، ان تي ڪنٽرول ايران جو آهي، جنهن کي بند ڪرڻ ۾ دير نه لڳائي ويندي. ان سان گڏ خليج فارس يا ايراني نار ۾، آمريڪي نيوي جون فيسلٽيز موجود آهن، ان سان گڏ آمريڪي اڏا به ايراني سرحدن جي ويجهو آهن. بقول ايران جي ته انهن تي به حملا ڪيا ويندا.

ساڳي صورتحال وچ اوڀر جي ٿيندي. آمريڪي مفادن ۽ اتحادين، خاص ڪري اسرائيل کي نشانو بڻايو ويندو. اهڙي صورتحال ۾ اسرائيل سڌي ريت جنگ ۾ شامل ٿي ويندو. ايران اندر جنهن نوعيت جو احتجاج ڪيو پيو وڃي، اهو ظاهري طور تي انٽرنيٽ پابندين سبب نظر نٿو اچي، پر ايران اندر بغاوت جهڙي صورتحال آهي. جيڪڏهن ايراني پاسداران انقلاب جا ڪجهه موجوده يا اڳوڻا ڪماندر آمريڪا کي لبيڪ چون ٿا ته صورتحال وڌيڪ ڳنڀير ٿي ويندي. امڪان اهو آهي ته آمريڪي سڌي ريت جنگ جي ڪمانڊ ڪندا ۽ ايران جي ايٽمي پروگرام کي پهرين مرحلي ۾ ناڪارا بڻايو ويندو. ان سان گڏ دفاعي نظام کي تباهه ڪيو ويندو.

آمريڪا انتهائي خطرناڪ پوزيشن ۾ آهي، جيڪو ايران کي گهڻو نقصان پهچائي سگهي ٿو، ايستائين جو حڪومتي تبديلي کان به پوئتي نه هٽندو. في الحال ٽرمپ جا بيان ڪنهن ڊائريڪشن ۾ ناهن، انڪري ڪنهن حملي جي اڳڪٿي جي اميد ڪري نٿي سگهجي.

وينزويلا جيان ايران تي حملي لاءِ آمريڪي جنگي ٻيڙو USS Abraham Lincoln ايئرڪرافٽ ڪيريئر اسٽرائيڪ گروپ وچ اوڀر ڏانهن وڌي رهيو آهي. اهو ويڙهاڪ جهازن جو ٻيڙو ايران ويجهو پوزيشن سنڀالڻ لاءِ موڪليو ويو آهي. ان جنگي ٻيڙي سان گڏ گائيڊيڊ ميزائل ڊسٽرائيرس missile destroyers ۽ ٻيا جنگي جهاز روانا ٿي چڪا آهن. اهو جنگي ٻيڙو ڏکڻ چين جي سمنڊ کان روانو ٿيو ۽ جلد آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ (CENTCOM) جو حصو بڻجي ويندو. ٽرمپ انتظاميا مطابق ان جنگي ٻيڙي جو اهم مقصد ايران تي نظر رکڻ آهي، دٻاءُ وڌائڻ آهي ۽ امڪاني ڪارروائي جي صورت ۾ ترت ردعمل کي ڪنٽرول ڪرڻ آهي. في الحال اهو جنگي ٻيڙو ايران جي گهڻو ويجهو نه پهتو آهي، پر وچ اوڀر ۾ آمريڪي جنگي ٻيڙن جي چرپر وڌي وئي آهي. هي سڀ ڪجهه علائقي جي اسٽريٽجڪ پوزيشن ۾ ٿي رهيو آهي.

ايران جي پاسداران انقلاب جي ڪماندر جو چوڻ آهي ته انهن جي فوج هاءِ الرٽ آهي. اها ڪنهن به بدترين صورتحال لاءِ تيار آهي، ڪنهن به حملي جي صورت ۾ آمريڪي فوجي اڏا، جهاز ۽ ايستائين جو اسرائيل به نشاني تي ٿي سگهي ٿو. هينئر دنيا کي وڏو خطرو شط العرب تي ايراني ڪنٽرول مان آهي. ايران پهريان ئي چئي چڏيو آهي ته علائقي جي موجوده تيل سپلاءِ جي رستن کي بند ڪيو ويندو، جنهن سان وچ اوڀر ۾ تيل جي چرپر متاثر ٿي سگهي ٿي. ان سان عالمي توانائي مارڪيٽس ۽ معيشت کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو.

هاڻ سوال اهو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا ايران تي حملو ڪيو ته ان جا دنيا خاص ڪري وچ اوڀر ۽ پاڪستان تي ڪيترا اثر پئجي سگهن ٿا؟

اها ڳالهه واضح آهي ته شط العرب ذريعي دنيا جو 20 سيڪڙو تيل گذري ٿو. جيڪڏهن ٿورو به خطرو وڌيو ته تيل جون قيمتون وڌڻ شروع ٿي ويندي. معاشي ماهرن جو خيال آهي ته، ٽرمپ جي ڌمڪين ۾ شدت اچڻ سان تيل في بيرل جي قيمت ۾ پنجن کان 10 ڊالرن تائين واڌ ٿي سگهي ٿي. محدود فوجي ڪارروائيءَ سان في بيرل ۾ 15 کان 30 سيڪڙو تائين واڌ ٿي سگهي ٿي. شط العرب کي مڪمل بند ڪرڻ سان قيمتن ۾ 100 کان 120 بيرل جو اضافو ٿي سگهي ٿو.

ممڪن آهي ته قيمتون ان کان به گهٽيون وڌي وڃن. اسان سمجهي سگهون ٿا ته اسان وٽ تيل جو ليٽر جيڪو 254 رپين تائين آهي، ان ۾ سئو سيڪڙو اضافو ٿي سگهي ٿو. جنگ جي صورت ۾ عالمي معيشت تي تيزيءَ سان اثر پوندا. تيل مهانگو ٿيڻ جو مقصد ٽرانسپورٽ، بجلي ۽ خوراڪ سميت سمورين شين جا اگهه وڌي ويندا. يورپ ۽ ايشيا جيڪي پهريان ئي مهانگائي کي منهن ڏئي رهيا آهن، اتي صورتحال وڌيڪ ڳنڀير ٿيندي. مرڪزي بينڪون وياج جي رفتار ۾ واڌ ڪري سگهن ٿيون. موڙي سيڙائڻ جو عمل به سست ٿي سگهي ٿو. ڪاروباري سرگرميون به ٺپ ٿي سگهن ٿيون. شروعاتي جهٽڪن سان اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ ڪاروبار ٻاڙائيءَ جو شڪار ٿي سگهي ٿو. دفاعي صنعت، تيل ڪمپنيون، ٽيڪنالوجي ۽ معيشتون سڀ متاثر ٿينديون. چين، جيڪو تيل جو وڏو خريدار آهي، ان جي سپلاءِ متاثر ٿيڻ سان ان جي ترقيءَ جي رفتار به گهٽجي سگهي ٿي. ڀارت ۽ پاڪستان کي به تيل امپورٽ ڪرڻو پئي ٿو، جيڪي گهڻا متاثر ٿي سگهن ٿا. ٻنهي ملڪن ۾ مهانگائيءَ جو طوفان اچي سگهي ٿو.

اهڙي صورتحال ۾ عالمي مالياتي فنڊ به پنهنجا شرط سخت ڪري سگهي ٿو. ان صورتحال مان تيل پيدا ڪندڙ ملڪ، جن ۾ سعودي عرب، روس، آمريڪا ۽ ٻيا شامل آهن. انهن کي فائدو ٿيندو. تيل ڪمپنين کي به فائدو پهچندو، جن جي گهٽائي آمريڪا جي آهي. صرف عام ماڻهوئي متاثر ٿيندو. ■

### ڪلھ 24 جنوري تي تعليم جو عالمي ڏينهن هئو

# تعليم جو عالمي ڏينهن اسان جي تعليمي صورتحال

سرمد کوسو



هر سال 24 جنوريءَ تي سڄي دنيا ۾ وڏي تعليم جو ڏينهن ملهايو ويندو آهي. جيڪو 2018ع ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جو هڪ تاريخي ٺهراءَ منظور ڪري اعلان ڪيو ويو هو، تہ جيئن تعليم جي اهميت، انسانيت جي ترقي ۽ دنيا ۾ امن جي بحاليءَ لاءِ ان جي ڪردار کي سڄي جهان ۾ نکاريو وڃي.

تعليم صرف ڪتابن جي رنگارنگ ڪائنات يا امتحانن جي ڏکئي منظرنامي تائين محدود نہ آهي، پر اها ماڻهوءَ جي اندر جي اونداهيءَ کي روشن ڪري، ڇاڻ جي روشنيءَ سان دلين ۽ سماجن کي روشن ڪرڻ جو ذريعو آهي. تعليم ئي آهي جيڪا هڪ ننڍڙي ٻار کي پنهنجي حقن، ذميوارين ۽ قدرن کان آگاهہ ڪري ٿي؛ هڪ نوجوان کي پنهنجن مقصدن جي حاصلات بابت همٿائي ٿي؛ ۽ هڪ معاشري کي وڌيڪ منظم، باشعور ۽ پائيدار رستي تي گامزن ڪري ٿي.

هن سال تعليم جي عالمي ڏينهن 2026 جو موضوع هئو: "نوجوانن جي تعليم جي گڏيل تشڪيل ۾ طاقت" (The power of youth in co_creating education).

اهو موضوع جڏهن پڙهجي ٿو تہ، ذهن ۾ خيال اچي ٿو تہ، دنيا جي اڪثر آبادي نوجوانن تي مشتمل آهي، جن جي خيالن، توانائي ۽ جدت کي تعليم جي نظام ۾ شامل ڪرڻ لازمي آهي. نوجوان نہ رڳو تعليم جا فائدا حاصل ڪندڙ آهن، پر اهي پاڻ تعليم جي مستقبل کي شڪل ڏيارڻ وارا تخليقي ڪارڪن بہ آهن.

انهيءَ سبب سان هن ڏينهن تي نوجوانن کي انهيءَ عمل جو مرڪزي حصو بڻائڻ جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي — يعني تعليم صرف پڙهائڻ ۽ پڙهڻ تائين محدود نہ هجي، پر نوجوانن جي صلاحيتن، مشورن ۽ خيالن کي عالمي سطح تي تعليم جي پاليسين ۽ نصاب جي ٺهڻ ۾ شامل ڪيو وڃي.

تعليم هڪ بنيادي انساني حق آهي، پر اڃا تائين لکين ٻار، نوجوان ۽ وڏا ماڻهو تعليم تائين رسائي کان محروم آهن. ان ۾ نوجوانن جي شامل ٿي وڃڻ سان ٿيندڙ ترقيءَ ۾ تعليم جو ڪردار ناقابلِ فراموش هوندو. ان سان غربت جو خاتمو ممڪن بڻجي ٿو، صنفي برابري کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو، ماڻهن کي پنهنجي حقن، فرضن ۽ سماجي ذميوارين جي ڄاڻ ملي ٿي، ۽ سڀ کان اهم تہ، امن، برداشت ۽ پائيچاريءَ جو بنياد مضبوط ٿئي ٿو.

تعليم جو عظيم مقصد رڳو نوڪري حاصل ڪرڻ يا بلند درجا حاصل ڪرڻ ناهي، پر ان جو اصل مقصد اهو آهي تہ، هڪ ماڻهو، هڪ سماج ۽ هڪ قوم، پنهنجي اندر موجود صلاحيتن کي ڄاڻ ۽ شعور جي ٿالهيءَ ۾ تبديل ڪري، بهتر ۽ روشن مستقبل جي تعمير ڪري. روشن مستقبل صرف ان وقت ممڪن آهي، جڏهن تعليم ۾ سڀني کي شامل ڪيو وڃي : امير، غريب، وڏا، نوجوان، مرد، عورت — سڀ هڪجهڙا.

تعليم هڪ اهڙو مسافر آهي، جيڪو دلين جي بيابان ۾ شمع روشن ڪري، اندر جي خوفن کي علم جي باغن ۾ بدلائي ٿو. اهو هڪ اهڙو باغ آهي، جنهن ۾ هر ٻج، هر گل، هر پکي، هر جانور ۽ هر ماڻهوءَ جو پنهنجو مقام آهي. جتي علم جا ٻج پوکيا وڃن ٿا، اُتي امن جا مسافر جلدي ايندا آهن؛ جتي پڙهڻ ۽ سوچڻ جي آزادي آهي، اُتي حسد ۽ نفرت جي اونداهي گهٽي سوڙهي ٿيندي آهي.




تعليم هڪ اهڙي خزاني جي چاٻي آهي، جيڪو نہ رڳو ڪتابن جا دروازا کوليندو آهي، پر هر ماڻهو جي دل جا دروازا ويجهو آڻي، انهن جي اندر ماڻهپي جو روشن چراغ روشن ڪندو آهي ۽ اهو چراغ هر نئين صبح سان وڌيڪ جذبات، خيالن ۽ اميدن سان چمڪندو آهي.

تعليم جي عالمي ڏينهن جي پسمنظر ۾ جڏهن اسان سڄي جهان ۾ تعليمي ترقي، مساوات ۽ معياري تعليم لاءِ پيدا ٿيل جذبو محسوس ڪيو، تڏهن سنڌ جي تعليمي منظرنامي کي سمجهڻ بہ انتهائي ضروري آهي. سنڌ هڪ ثقافتي دولت ۽ تاريخي ورثي سان مالا مال صوبي هجڻ سان گڏ تعليم جي ميدان ۾ ڪيترين ئي چيلينجز جو شڪار پڻ آهي، جن مان ڪجهہ هيٺ بيان ڪجن ٿيون:

**1. بنيادي انگ اکر ۽ تربيت**

سنڌ ۾ ٻارن جي اسڪول ۾ داخلا ۾ ڪجهہ بهتري ڏسڻ ۾ آئي آهي، جهڙوڪ 6 کان 16 سالن جي عمر وارن ٻارن جي شاگردي ۾ واڌاري جو رجحان 76 سيڪڙو کان 86 سيڪڙو تائين پهتو آهي، جيڪو هڪ مثبت پيش رفت آهي. پر تعليم جو معيار اڃا بہ گهٽ آهي، جيئن گهڻا ٻار پڙهڻ، انگ ڳڻڻ ۽ بنيادي صلاحيتن ۾ گهٽ نمبر حاصل ڪن ٿا.

**2. اسڪولن جي حالت ۽ بنيادي سهولتون**

سنڌ جي ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن ۾ اڃا تائين بنيادي سهولتن جهڙوڪ صفائي، صاف پيئڻ جي پاڻي، بجلي، مناسب ڪمرن ۽ فرنيچر جي کوٽ محسوس ڪئي وڃي ٿي، جنهن ڪري ٻارن جي تعليمي ماحول تي منفي اثر پوي ٿو.

**3. اسڪول کان ٻاهر جي ٻارن جو وڏو انگ**

اڪثر تجزين موجب سنڌ ۾ ڪروڙين ٻارن کي اڃا تائين اسڪول تائين رسائي ناهي ملي، خاص ڪري ڳوٺاڻن علائقن جي صورتحال وڌيڪ ڳڻتي جهڙي آهي، جتي ٻارن کي پڙهڻ ۽ تعليم جاري رکڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچن ٿيون.

**4. صنفي عدم برابري ۽ ثقافتي رڪاوٽون**

سنڌ ۾ خاص طور تي ڇوڪرين جي تعليم جي حالت اڃا بہ چيلينجز سان ڀريل آهي. ڇوڪرين جي تعليم تي ڪيترين ئي سماجي ۽ خانداني پابندين اثرانداز ٿين ٿيون، جنهن جي سبب ڇوڪريون اسڪول نہ ٿيون وڃن يا اڌ ۾ تعليم ڇڏي ڏين ٿيون.

**5. انفراسٽرڪچر ۽ تعليم جو معيار**

رپورٽن موجب سنڌ جي ڪيترن ئي اسڪولن جو انفراسٽرڪچر انتهائي ڪمزور آهي. ڪلاس رومز ٽُٽل، ڪتابن جي کوٽ ۽ استادن جي تربيت ۾ گهٽتائيءَ جهڙا مسئلا عام آهن. انهن سڀني ڳالهين جو گڏيل اثر تعليمي معيار تي منفي اثر جي صورت ۾ نڪري ٿو.

**6. موسمي ۽ پيا ٻاهرين سبب**

سنڌ موسمي تبديلين، جهڙوڪ ٻوڏن ۽ تيز مينهن جي ڪري بہ گهڻو متاثر ٿي آهي، جنهن ڪري ڪيترائي اسڪول تباهہ ٿيا، ٻار اسڪول وڃڻ کان قاصر ٿي پيا ۽ تعليمي عمل ۾ رڪاوٽون اچي ويون.


تعليم جي عالمي ڏينهن جو جشن اسان کي صرف ياد ڏيارڻ وارو ڏينهن ناهي، پر اهو هڪ اهڙو ڏينهن آهي، جيڪو اسان کي سچائيءَ سان سوچڻ، عمل ڪرڻ ۽ تبديلي آڻڻ لاءِ همٿائي ٿو. ان ڏينهن جو 2026 جو موضوع : "نوجوانن جي طاقت تعليم ۾ شريڪ ڪرڻ" اسان کي اهو سبق ڏئي ٿو تہ هڪ روشن ۽ ترقي يافتہ سماج صرف اڻين ئي ٺهندو، جڏهن نوجوانن جي خيال، جذبي ۽ تخيل کي تعليم جي تعمير جو اهم حصو بڻايو ويندو. تعليم صرف علم نٿي ڏئي، پر انسان کي اسان سڀني کي وڌيڪ سهڻو، وڌيڪ پرامن ۽ وڌيڪ روشن مستقبل جو تحفو ڏئي ٿي — هڪ اهڙو تحفو جيڪو صرف هڪ ڏينهن لاءِ نہ، پر هر نئين ڏينهن اسان جي زندگين جو مستقل همراهہ هوندو آهي. ■

---

### سڀاڻي 26 جنوري تي صاف توانائيءَ جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويندو

# سنڌ ۾ گهاري ۽ جهمپير وارو علائقو هوا وسيلي توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ بهترين علائقو سمجهيو وڃي ٿو

وسيع الدين جوڻيجو



دنيا ۾ هر سال 26 جنوريءَ تي صاف توانائيءَ جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي. اقوام متحد طرفان اهو ڏينهن 2024 کان ملهائڻ شروع ڪيو ويو آهي. پائيدار ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ 2015 ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي پاران 17 مقصدن جي حصولن جو منصوبو تيار ڪيو ويو هو، جنهن ۾ صاف توانائيءَ جو حصول 7 نمبر تي هيو، جنهن مطابق 2030 تائين هر انسان کي صاف ۽ قابل تجديد توانائي ميسر ٿي سگهي. ان ڏينهن ملهائڻ جو مقصد عام ماڻهوءَ تائين صاف توانائيءَ جي اهميت کان آگاهي پهچائڻ ۽ شعور اجاگر ڪرڻ آهي. ان سان گڏ اهو ڏينهن دنيا جي حڪومتن، صنعتن ۽ تنظيمن کي صاف ۽ وڌيڪ پائيدار توانائيءَ جي ذريعن ڏانهن منتقلي کي تيز ڪرڻ جو پيغام پهچائي ٿو.

هن ڌرتيءَ تي موجود هر جاندار توانائيءَ جو محتاج آهي. توانائيءَ جا بہ قسم آهن: هڪ صاف توانائي ۽ ٻي گدلاڻ پکيڙيندڙ توانائي. صاف توانائيءَ ۾ سج، پاڻي، هوا مان حاصل ٿيندڙ ۽ ٻيون اهڙيون توانائيون شامل آهن، جن منجهان گرين هائوس گيسن جو اخراج تمام گهٽ ٿئي ٿو. جڏهن تہ گدلاڻ پکيڙيندڙ توانائيءَ ۾ فوسل ٻارڻ يعني ڪاني، ڪوئلو، گئس ۽ تيل شامل آهن، جن مان گرين هائوس گيسن جو اخراج وڏي پيماني تي ٿئي ٿو.

هڪ اندازي مطابق دنيا ۾ 75 سيڪڙو گرين هائوس گيسز جي پيداوار فاسل ٻارڻ جي استعمال مان ٿئي ٿي، مثال طور آمريڪا جي نيشنل رينيوايبل انرجي ليبارٽري جي انگن اکرن موجب ڪوئلي تي هلندڙ پاور پلانٽ هڪ ڪلو واٽ آور بجلي پيدا ڪرڻ دوران 1000 گرام ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج ڪندو آهي. اهڙي طرح قدرتي گيس استعمال ڪندڙ پاور پلانٽ هڪ ڪلو واٽ آور بجلي پيدا ڪرڻ دوران 500 گرام ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج ڪندو آهي. انهن جي مقابلي ۾ شمسي توانائي ذريعي ساڳي بجليءَ جي تياريءَ ۾ 50 گرام کان گهٽ ۽ پن بجليءَ جي تياريءَ ۾ 10 گرام کان گهٽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو اخراج ٿيندو آهي. ڌرتيءَ کي موسمياتي تبديليءَ جي خراب اثرن کان بچائڻ لاءِ صاف ۽ قابلِ تجديد توانائيءَ جو استعمال ناگزير ٿيندو پيو وڃي.



فوسل ٻارڻ حاصل ڪرڻ وارا طريقا، خاص طور ڪوئلي کي کاڻين مان ڪڍڻ ۽ قدرتي گيس لاءِ ڊرلنگ ڪرڻ پڻ ماحولياتي نظام کي بري طرح متاثر ڪن ٿا، جن ۾ پاڻي ۽ هوا جي گدلاڻ سرفهرست آهي. هتي اها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ هر اها توانائي، جنهن مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج نہ ٿئي، ماحول دوست نہ آهي. مثلاً نيوڪليئر پاور پلانٽس وغيره. هنن پلانٽس مان خارج ٿيندڙ فضلو، جيڪڏهن بنا ڪنهن ٽريٽمينٽ جي نيڪال ڪيو ويندو تہ اهو جاندارن لاءِ انتهائي نقصانڪار ثابت ٿيندو. اهڙي طرح شمسي توانائيءَ کي اسٽور ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ بيٽريون پڻ ماحول دوست نہ ٿيون چئجي سگهجن، جيسيتائين انهن کي صحيح طريقي سان نيڪال نہ ڪجي.

ان سلسلي جي هڪ ٻي اهم ڳالهہ اها آهي تہ هر صاف توانائي، قابل تجديد توانائي يا رينيوايبل توانائي نہ آهي. قابل تجديد توانائيءَ مان مراد اهڙي توانائي آهي، جنهن جي ختم ٿيڻ جو امڪان نہ هجي. اهڙي توانائيءَ ۾ شمسي ۽ هوائي توانائيون شامل آهن.

هڪ اندازي موجب پاڪستان ۾ شمسي ۽ هوائي وسيلن سان 3 لک ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي گنجائش آهي. سنڌ ۾ گهاري ۽ جهمپير وارو علائقو هوا وسيلي توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ بهترين علائقو سمجهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ هن وقت ونڊ ٽربائينن جو وڏو تعداد بجلي پيدا ڪرڻ ۾ رڌل آهي. شمسي توانائيءَ جي حوالي سان بلوچستان، ڏکڻ پنجاب جو چولستان ۽ سنڌ جو ٿر وارو علائقو بهترين سمجهيو وڃي ٿو، جتي سراسري طور 8 کان 10 ڪلاڪ سج جي تيز روشني موجود هوندي آهي.

پاڪستان ۾ گهرن تي شمسي توانائيءَ جي حصول لاءِ سولر پينل لڳائڻ جو ڪم تيزيءَ سان مقبوليت حاصل ڪري رهيو آهي. حڪومت ۽ نجي ادارن کي بہ صاف ۽ قابلِ تجديد توانائيءَ لاءِ تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ گهرجي. ان سان گڏ ماحول جي بهتريءَ لاءِ عوام ۾ وڌ ۾ وڌ شعور اجاگر ڪرڻ گهرجي. ■

# هڪ وڏو نقاد ۽ ڪهاڻيڪار ممتاز مهر اسان کان وڇڙي ويو



راتِ (چنچر ۽ آچر واري رات)، سرد رات، اها، هڪ ڏيل ڏڪائيندڙ خبر ڪٺي آئي ته: "ممتاز مهر وڇڙي ويو." ممتاز مهر صرف سادو نالو ناهي، پر هو سنڌي ادب جو هڪ وڏو نانءُ هو. نقاد ۽ ڪهاڻيڪار واري ته سندس سڃاڻپ هئي، پر هو پنهنجي تنقيد ۾ تمام گهڻو سچو هوندو هو. جنهن ڪي بي رياءُ به چئي سگهجي ٿو. هُو اهو نه ڏسندو هئو، ڪيرُ ڪيرُ آهي، ڪهڙي عهدي تي آئي. هُو اها ڏسندو هئو ته سندس مطالعي هيٺ آيل تحرير ڪيئن آهي؟ هو بنا رعايت ڏيڻ جي، اُن تي پنهنجي ويچارن جو اظهار ڪندو هو، جيڪو ڪافي ماڻهن کي پسند نه ايندو هو، پر ان جي هن کي پرواهه نه هوندي هئي. هو 1960 ع جي ڏهاڪي کان سنڌي ادب جي، پنهنجين تحريرن وسيلي سونهن وڌائيندو آيو هئو.

ممتاز مهر صاحب، ائين چئجي ته ڪُل وقتي ليکڪ هئو. تمام گهڻو پڙهيل لکيل. ريگل چوڪ تي لڳندڙ ڪتابن جي بازار جو ته هو ڪجهه سال اڳ تائين ريگيولر وزيٽر رهيو هئو. سندس تنقيد وارو ڪتاب "ويچار" ۽ ڪهاڻين جو ڪتاب "جڏهن مان چوهٽ جو هوندس" سندس اهم سڃاڻپ بڻيل هئا. اجا به هفتا اڳ ئي ته مون کان ڪجهه مضمون ورتا هئائين، جيڪي اسان ڪاوش دنيا ۾ شايع ڪيا هئا. اهي هو پنهنجي آتم ڪٿا واري ايندڙ ڪتاب ۾ ڏيڻ پيو چاهي. ۽ گذريل هفتي ته عبدالواحد سومري جي ناول تي لکيل سندس تبصرو اسان شايع ڪيو هو، جنهن سلسلي ۾ هو رابطي ۾ رهيو هو.


ممتاز مهر، سنڌي ادب جا جيڪي چند سينئر ليکڪ وچي زنده بچيا آهن، انهن مان هڪ هئو، پر ڪِن سببن جي ڪري ڪجهه سينئر ليکڪن لکڻ ڇڏي ڏنو، پر ممتاز مهر مسلسل لکندو رهيو.

هيءُ ترقي پسند ليکڪ، روشن خيال، ۽ ٻين ليکڪن کان بنهه مختلف هئو. سندس دوستن جو حلقو محدود هئو، پر انهن سان هو ڏاڍو خوش هو. منهنجي ساڻس 1992 ع کان جو ويجهڙائپ رهي سا آخر تائين قائم رهي. جان خاصخيلي، چندر ڪيسواڻي، رکيل مورائي ۽ منهنجون ساڻس يادگار ڪچهريون رهيون. سندس ڳالهيون ۽ لکڻيون اسان جي لاءِ وڏو اتساهه آڻيندڙيون هيون.


سچ پچ ته اسان هڪ وڏي ليکڪ کان محروم ٿي وياسين. ■ */انور ابڙو*

# خوابن جي لفافي ۾ ويڙهيل ڳالهيون ۽ ان جو ليکڪ: سيد زوار نقوي

ادل سومرو



سيد زوار نقويءَ جو خاڪن، تاثرن، مهاڳن، تعارفن ۽ تبصرن تي مشتمل ڪتاب "خوابن جي لفافي ۾ ويڙهيل ڳالهيون" تخليقن جي جذبن ۽ احساسن جا نوان رنگ ڪٺي آيو آهي. سيد زوار نقوي اهڙو تخليقڪار آهي، جنهن جي قلم ڪڏهن به ساهي ناهي پٽي. 1981 ع ۾ شايع ٿيل سندس ڪهاڻين جي ڪتاب "زندگي او زندگي" کان وٺي هن ڪتاب تائين، 45 سالن جي علمي ۽ ادبي سفر ۾ سيد زوار نقوي ادب ۽ صحافت کي پنهنجي زندگيءَ جا خوبصورت سال ارپيا آهن.




هن ڪتاب ۾ سندس لکيل تاثر، خاڪا، مهاڳ، تعارف ۽ تبصرا شامل آهن، ۽ هر تحرير پنهنجي موضوعاتي اعتبار کان نهايت اهم ۽ ڪارائتي آهي.

هن ڪتاب جي ارپنا هر دلعزيز ۽ محبوب شخصيت پروفيسر ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيو کي ٿيل آهي، جنهن جي سخاوت جي، ليکڪ پنهنجي والد صاحب جي سخاوت سان هڪجهڙائي بيان ڪئي آهي. ڪتاب ۾ شامل خاڪا نه صرف شخصيتن جو تعارف ڪرائن ٿا، پر انهيءَ دور جي تاريخ به بيان ڪن ٿا. سائين ويڏل شاهه جهانيان، سيد سردار علي شاهه، نثار حسيني، پروفيسر ڊاڪٽر امداد چانڊيو، ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو ۽ محمد خان ابڙو جا خاڪا ليکڪ دل جي حضور سان لکيا آهن. سيد ويڏل شاهه جهانيان جي ٻاجهاري شخصيت جو خاڪو، عُمري حالتن جي تاريخ پڻ آهي. جڏهن نثار حسينيءَ جو خاڪو پڙهجي ٿو ته، انهيءَ دور جي علمي، ادبي، سماجي ۽ ثقافتي حالتن ۽ شخصيتن جي ڄاڻ سان گڏ نثار حسينيءَ جو خاڪو پڻ اسان جي اکين آڏو اُڀري اچي ٿو.

ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو واري خاڪي ۾ ان جي جاکوڙ ۽ خدمتن جي تفصيلي ڄاڻ ملي ٿي. پروفيسر ڊاڪٽر امداد چانڊيي جي جدوجهد ۽ پنهنجي مقصد سان سچائيءَ جي پڻ خبر پوي ٿي. هن ۾ شامل خاڪا ليکڪ نهايت محبت سان چِٽيا آهن.

رومي پبليشر جي شايع ڪيل هن ڪتاب جو مهاڳ ستار سروهي ۽ تعارف پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر لکيو آهي. هي ڪتاب پڙهڻ سان روح تي خوبصورت تاثر پوي ٿو. ■

# انور پيرزادي جي نظر ۾ صحافت نوڪري نه پر اخلاقي فرض هئي

ناظر محمود



ڪجھ دانشور اهڙا هوندا آهن، جن کي رڳو سندن ڪتابن يا مضمونن وسيلي سمجھڻ ممڪن نه هوندو آهي؛ انهن کي سمجھڻ لاءِ سندن خاموشين، سندن لهجي، ۽ سندن فڪري سچائي سان جڙيل زندگيءَ کي به پڙهڻو پوندو آهي. انور پيرزادو اهڙي ئي قبيلي سان تعلق رکندو هو. هو رڳو سماج تي لکڻ وارو ماڻهو نه هو، پر اهڙو مفڪر هو، جنهن جي زندگي پاڻ سندس فڪر جو حصو هئي. انور پيرزادي وٽ لکڻ ۽ جيئڻ به جدا عمل نه هئا؛ ٻئي هڪ ئي اخلاقي وابستگي جا اظهار هئا.
انور پيرزادي کي رڳو هڪ سنڌي قومپرست، هڪ صحافي يا هڪ شاعر سڏڻ سندس فڪري حيثيت کي محدود ڪرڻ برابر آهي. هو دراصل اهڙي فڪري روايت جو امين هو، جنهن ۾ تاريخ، ادب، سياست، ٻولي ۽ ثقافت هڪ ٻئي کان جدا ناهن. سندس سنڌي ۽ انگريزي لکڻيون سنڌ کي هڪ پنهنجي پيل علائقو نه، پر هڪ مڪمل تهذيبي دنيا طور پيش ڪن ٿيون، جنهن وٽ پنهنجي تاريخي ڪوتائي، اخلاقي روايت ۽ سياسي سوال موجود آهن.

## زمين، يادداشت ۽ شعور جي تشڪيل

انور پيرزادي جي فڪري تشڪيل اهڙي علائقي ۾ ٿي، جتي تاريخ ڪتابن تائين محدود نه، پر زمين ۾ وسايل هئي. موهن جي دڙي جي ويجهو پرورش ٿيڻ جو مطلب اهو هو ته تهذيب سندس لاءِ ڪا تجريدي ڳالھ نه رهي. قديم سرون، خاموش ڪنڊر ۽ هزارين سالن تي پکڙيل انساني يادداشت سندس شعور جو حصو بڻجي ويون. انهيءَ ڪري انور پيرزادي جي لکڻين ۾ سنڌ ڪڏهن به رڳو هڪ انتظامي صوبي يا جديد سياسي سچاٽپ طور نظر نٿي اچي. سنڌ سندس لاءِ هڪ "مسلسل تهذيبي وهڪرو" آهي — سنڌو ماتريءَ کان وٺي صوفي روايت تائين. ۽ اڄ جي جديد رياست جي تضادن تائين سندس تاريخي تصور ٽُٽڻ بدران تسلسل تي زور ڏئي ٿو؛ هو يادداشت، اخلاقي وراثت ۽ تاريخي ذميواريءَ کي اهميت ڏئي ٿو.
انگريزي ادب ۾ سندس باقاعده تعليم سندس فڪري دنيا کي وڌيڪ وسيع ڪيو ۽ مغربي ادب ۽ فڪر سان واسطي ڪيس طاقت، نمائندگي ۽ بيانيي جهڙن سوالن سان آشنا ڪيو، پر اها عالمي فڪري تربيت ڪيس پنهنجي زمين کان پري نه ڪٽي وئي؛ ان جي ابتڙ، ان ڪيس اها زبان ڏني، جنهن وسيلي هو سنڌ جي تجربي کي عالمي فڪري ڳالھ ٻولھ جو حصو بڻائي سگھي.

## تدريس، ادارا ۽ اختلاف جي سياست


انور پيرزادي جي عملي زندگيءَ جي شروعات تدريس سان ٿي. استاد جي حيثيت ۾ هو علم کي بند نظام نه سمجھندو هو، پر سوال اٿارڻ جي شروعات سمجھندو هو. اها تدريسي حسيت بعد ۾ سندس صحافت ۽ مضمونن ۾ چٽي طرح نظر اچي ٿي، جتي هو قبول ڪيل بيانين کي چئلينج ڪري ٿو.
رياستي ادارن سان سندس واسطو زندگيءَ جو هڪ اهم موڙ هو. نظم، اطاعت ۽ طاقت تي ٻڌل ادارا اڪثر آزاد سوچ سان هم آهنگ نٿا ٿي سگھن. ان تجربي انور پيرزادي کي اهو سمجھڻ سيکاريو ته اختيار ۽ ضمير وچ ۾ تڪرار فطري آهي. هن ان تڪرار کي سمجھوتي سان ختم ڪرڻ بدران، اخلاقي موقف اختيار ڪيو. چاهي ان جي قيمت کيس ذاتي طرح ادا ڪرڻي پئي.

## قيد: هڪ فڪري تجربو

انور پيرزادي لاءِ قيد رڳو جسماني پابندي نه هئي؛ اها هڪ فڪري حالت هئي. هن ان کي سماج ۾ موجود خاموشي ۽ دٻاءَ جي علامت طور ڏٺو. سندس ڪيترين ئي نثري لکڻين، خاص ڪري "متان وساريو" (Matan Wisario) ۾، قيد اهڙي استعارو بڻجي اچي ٿو، جتي جسم قيد آهي، پر ذهن انڪار ڪري ٿو. انور پيرزادي جو يقين هو ته علم ذاتي ملڪيت نه، پر "اجتماعي وراثت" آهي، ان ڪري هو هر حالت ۾ پڙهڻ، ڳالھ ٻولھ ۽ فڪري ورهاست جا موقعا پيدا ڪندو رهيو.

## صحافت: واقعي کان اڳتي تاريخ

صحافت انور پيرزادي جي فڪري منصوبي جو مرڪزي ميدان بڻجي وئي، پر سندس صحافت رڳو خبر ڏيڻ تائين محدود نه هئي. هن صحافت کي "تاريخ جو پهريون مسودو" سمجھيو — هڪ اخلاقي ذميواري، نه رڳو پيشوراڻو ڪم. سندس لاءِ اهم سوال اهو نه هو ته، "ڇا ٿيو؟" پر اهو هو ته: "ڇو ٿيو؟" ۽ "ڪن کي فائدو ٿيو؟ ۽ ڪير نظرانداز ٿيو؟"
سنڌو درياهه، ان جو ڊيلٽا، زمين ۽ پاڻيءَ جي سياست سندس لکڻين جا اهم موضوع رهيا. ترقي، سندس نظر ۾، ڪڏهن به غير جانبدار نه هئي؛ اها هميشه طاقت جي لاڳاپن سان ڳنڍيل هئي. سندس مضمونن ۾ هاري، مهاڻا ۽ پنٽي پيل طبقا انگن اکرن بدران اخلاقي وجود طور سامهون اچن ٿا.



## هڪ ذاتي يادگيري: صحافت بطور اخلاقي عمل

هتي هڪ ذاتي پهلو شامل ڪرڻ ضروري آهي، جيڪو هن مضمون کي رڳو تجزيو نه، پر "يادداشت" به بڻائي ٿو. مان پاڻ به صحافت سان وابسته رهيو آهيان، ۽ ان ئي عرصي دوران انور پيرزادي سان باقاعده ملاقاتون ٿينديون رهيون. اهي ملاقاتون گهڻو ڪري خاموش، غير رسمي ۽ گهري گفتگوءَ تي ٻڌل هونديون هيون. انور پيرزادو گهڻو ڳالهائيندڙ نه هو، پر جڏهن ڳالهائيندو هو ته سندس لفظ وزن رکندا هئا. ڪنهن به سياسي يا سماجي واقعي بابت سندس پهريون سوال هميشه اهو هوندو هو ته، "ان جو اثر عام ماڻهن تي ڪهڙو پوندو؟" صحافت، سندس نظر ۾، نوڪري نه پر اخلاقي فرض هئي.
مون کي ياد آهي، هڪ ڀيري هن چيو هو: "صحافت جي ناڪامي غلط خبر لکڻ ۾ نه، پر انهن ماڻهن جي خبر نه لکڻ ۾ آهي، جيڪي ڪڏهن خبر بڻجڻا ئي ناهن." اهو جملو اڄ به منهنجي لاءِ صحافت جي بهترين تعريف آهي.

## گڏيل ادبي زندگي ۽ تنظيمي شعور

انور پيرزادي جي ادبي زندگي رڳو ذاتي لکڻ تائين محدود نه رهي. هو اجتماعي ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ سرگرم رهيو. سندس خيال هو ته ادب جيڪڏهن سماج کان ڪٽجي وڃي ته اهو اشرافيه جو شوق بڻجي وڃي ٿو. هو نوجوان ليکڪن کي همٿائيندو هو، ادبي بحث مباحثن ۾ حصو وٺندو هو، ۽ زور ڏيندو هو ته سنڌي ادب کي زنده رکڻ لاءِ ان کي نون سوالن ۽ نئين حالتن سان ڳنڍڻ ضروري آهي.

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي: روايت جي جديد پڙهت

انور پيرزادي جي فڪري دنيا جو مرڪز شاهه عبداللطيف ڀٽائي هئو، پر اها مرڪزيت روايتي عقيدت تي ٻڌل نه هئي. هو ڀٽائيءَ کي هڪ "اخلاقي مفڪر" طور پڙهندو هو، جيڪو انسان جي وقار، محبت، عدم تشدد ۽ ناانصافيءَ خلاف موقف پيش ڪري ٿو.
هن پنهنجي ڪتاب "ڀٽائي" ۽ شاعريءَ جي مجموعي "اي چنڊ، ڀٽائي کي چئجانءِ" ۾ ڀٽائيءَ جي فڪر کي جديد حالتن سان ڳنڍيو آهي. هتي صوفيت دنيا کان پري ٿيڻ نه، پر دنيا سان اخلاقي وابستگي بڻجي ٿي.

مان پاڻ به صحافت سان وابسته رهيو آهيان، ۽ ان ئي عرصي دوران انور پيرزادي سان باقاعده ملاقاتون ٿينديون رهيون. اهي ملاقاتون گهڻو ڪري خاموش، غير رسمي ۽ گهري گفتگوءَ تي ٻڌل هونديون هيون. انور پيرزادو گهڻو ڳالهائيندڙ نه هو، پر جڏهن ڳالهائيندو هو ته سندس لفظ وزن رکندا هئا. ڪنهن به سياسي يا سماجي واقعي بابت سندس پهريون سوال هميشه اهو هوندو هو ته، "ان جو اثر عام ماڻهن تي ڪهڙو پوندو؟" صحافت، سندس نظر ۾، نوڪري نه پر اخلاقي فرض هئي.

## ٻولي، ادب ۽ فڪري تاريخ

انور پيرزادي سنڌي ٻولي ۽ ادب تي منظم انداز ۾ به لکيو. ڪتاب "جديد سنڌي ادب" ۾ هو ادب کي سادي لڪير واري تاريخ طور نه، پر سياسي ۽ سماجي تبديلين سان جڙيل فڪري عمل طور ڏسي ٿو.

## انگريزي ۾ سندس ڪتاب

Sindhi Language and Literature: A Brief Account سنڌي ادب کي عالمي پڙهندڙ لاءِ سمجھڻ جهڙو بڻائڻ جي ڪوشش آهي. اهو رڳو تعارف نه، پر ثقافتي خوداعتماديءَ جو اظهار آهي.

## ثقافتي ورثو: اخلاقي سوال

انور پيرزادي جو سڀ کان اهم فڪري ڪم شايد ثقافتي ورثي بابت سندس سوچ آهي. Cultural Heritage of Sindh ڪتاب ۾ ورثو، يادگيري يا نوسٽالجيا نه، پر هڪ "اخلاقي ۽ سياسي سوال" بڻجي ٿو:
ڪير يادداشت تي اختيار رکي ٿو؟
ڪهڙي تاريخ بچائي وڃي ٿي؟
۽ ڪهڙي وساري وڃي ٿي؟
هن لاءِ ورثو ماضي نه، پر حال ۽ مستقبل بابت فيصلا ڪرڻ جو سوال هو.

## آخري سال ۽ فڪري تسلسل

زندگيءَ جي آخري سالن ۾ بيماري سندس جسماني حرڪت کي محدود ڪيو، پر فڪري سرگرميءَ کي نه. هن پنهنجي لکڻين کي ترتيب ڏيڻ، پراڻن مضمونن کي سنوارڻ ۽ فڪري وراثت کي محفوظ ڪرڻ تي ڌيان ڏنو.
سندس وفات کان پوءِ شايع ٿيل مجموعا ان ڳالھ جو ثبوت آهن ته سندس فڪر فرد سان ختم نه ٿيو، پر هڪ "جاري مڪالمو" بڻجي ويو.

## نتيجو: لکڻ بطور ذميواري

نور پيرزادي جي زندگي ۽ ڪم اسان کي سيکاري ٿو ته:
- ❊ ثقافت ڪمزوري نه، پر طاقت آهي.
- ❊ ٻولي رڳو اظهار نه، پر تاريخي شعور آهي.
- ❊ ۽ لکڻ ذاتي ڪاميابي نه، پر "اخلاقي ذميواري" آهي.


اڄ، جڏهن مقامي آواز اڪثر عالمي علمي ۽ ميڊيا ڳالھ ٻولھ ۾ پاسي تي ڌڪجي وڃن ٿا، انور پيرزادي جي فڪري وراثت ياد ڏياري ٿي ته پنهنجي زمين سان جڙيل آواز به عالمي سطح تي باوقار نموني ڳالهائي سگھي ٿو.
هي مضمون رڳو هڪ شخص جي ياد ۾ نه، پر ان فڪري روايت جي تسلسل جي ڪوشش آهي، جنهن جو انور پيرزادو هڪ اهم حوالو رهيو آهي. اهڙي روايت، جيڪا خاموشي قبول نٿي ڪري، وسارڻ جي مزاحمت ڪري ٿي، ۽ انسان جي وقار تي زور ڏئي ٿي.

**هن مضمون ۾ ذڪر ڪيل ڪتاب**

- ❊ Cultural Heritage of Sindh
- ❊ Sindhi Language and Literature: A Brief Account
- ❊ Bhitai
- ❊ Aay Chand, Bhitai Khey Chaijan
- ❊ Jadeed Sindhi Adab
- ❊ Matan Wisario

# محمد علي حداد: سچل سرمست تي اهم تحقيقي ڪم ڪندڙ محقق

قربان منگي






سچل سرمست سندس تحقيق جو ٻيو اهم موضوع هيو. سندس اهڙن مقالن جو ڪتابُ سچل چيئر پاران ”سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور“ جي نالي سان سال 2011ع ۾ ان وقت جي ڊائريڪٽر سچل چيئر اياز گُل ڇپرائي پڌرو ڪيو هو. سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور جي قيامَ وقت محمد علي حداد صاحب، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ سان ريسرچ آفيسر طور گڏ رهيو. چيئر جي سموري ڪار وهنوار جي شروعات، سچل سائينءَ جي ڪلام جي سهيڙ، قلمي نسخن جي ڳولا، ميوزم ۽ لئبريري ٺاهڻ جي ڪمن ۾ حداد صاحب جو مُک ڪردار رهيو.

محمد علي حداد صاحب اٺين درجي ۾ خيرپور جي تاريخي ناز هاءِ اسڪول ۾ منهنجو ڪلاس ٽيچر هيو. هڪ شفيق استادُ. ڪهڙي خبر هئي ته اڳتي هلي سچل سرمست يادگار ڪاميٽيءَ ۾ سندس رهنمائيءَ ۾ ڪيئي ورهيه ساڻس گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو. مان تحقيقي جرنل ”سرمست“ جي اشاعت ۽ سچل سائينءَ جي عرس مبارڪ جي ٻين ڪمن جي حوالي سان 1982ع کان ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ سائين محمد علي حداد سان گڏ ڪمَ ڪرڻ جي شروعات ڪئي، پر ان کان به اڳ ۾ 1977ع ۾ مون جڏهن ٻارن لاءِ ”پوپٽ“ رسالو جاري ڪيو ته، ان سلسلي ۾ به حداد صاحب کان رهنمائي ضرور ورتي هئم.

سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور جي قيامَ وقت محمد علي حداد صاحب، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ سان ريسرچ آفيسر طور گڏ رهيو. چيئر جي سموري ڪار وهنوار جي شروعات، سچل سائينءَ جي ڪلام جي سهيڙ، قلمي نسخن جي ڳولا، ميوزم ۽ لئبريري ٺاهڻ جي ڪمن ۾ حداد صاحب جو مُک ڪردار رهيو. پاڻ سچل ببليوگرافي ترتيب ڏيڻ جو ڏکيو ڪمُ شروع ڪيائين، جيڪو ڪتابُ 1982ع ۾ خيرپور ۾ ٿيل ”سچل نيشنل سيمينار“ جي موقعي تي شايع ٿيو. ان ڪتاب کان پوءِ به هر سال ”سرمست“ جرنل ۾ ان ببليوگرافيءَ جا اضافا لکندو رهيو.

هر سال جڏهن سچل جي ميلي کان به ٽي مهينا اڳ اشاعتي ڪم جي شروعات ٿيندي هئي ته



محمد علي حداد، ادل سومرو، اياز گُل ۽ قربان منگي.

حداد صاحب پوپٽ پريس تي روزاني جي بنياد تي ايندو هيو ۽ ڪمپوزنگ جي ڪمَ جي نگرانيءَ ۽ پروف ريڊنگ ۽ ايڊيٽنگ واري ڪم ۾ شامل رهندو هو. نه صرف ايترو پر ڇپائيءَ واري مرحلي تي مون سان گڏ رمضان جي مهيني ۾ ڪراچيءَ به گڏ هلندو هو. ڪراچيءَ ۾ رهندي روزا به رکندو هو ته پريسن جا پنڌ به ڪندو هو. اڪثر ائين به ٿيو ته، ڪراچيءَ ۾ حداد صاحب جي سحري ۽ افطاريءَ جي انتظام لاءِ، مان پنهنجي امڙ کي ساڻ وٺي ويندو هيس، جيڪا اسان جي لاءِ ڪراچيءَ ۾ ماني پچائيندي هئي.

حداد صاحب سچل ادبي ڪانفرنس جي نظامت ڪندو هو. اديبن شاعرن کي دعوت ناما جاري ڪندو هو. ”سرمست“ جو مرتب هئڻ سان گڏ سچل يادگار ڪاميٽيءَ جا سيڪريٽري رهيا. ڊاڪٽر تنوير عباسي (سيڪريٽري) پنهنجي هوندي ئي اها ذميواري حداد صاحب کي سونپي ڇڏي هئي.

1986ع ۾ پوپٽ پريس ۾ حداد صاحب جو مرتب ڪيل ڪتاب ”حاميءَ جو ڪلام“ ڇپيوسي، جنهن جي اشاعت جي مرحلن ۾ به سندس گهڻو وقت پريس تي گذرندو هيو. پريس تي ان وقت ڪم ڪندڙ نوجوانن فتاحَ، سعيد، علي رضا، اختر، زاهد، فدا، مير اظهار ٽالپر، ماجد، علي شير ۽ ٻين سان سندس دوستن جهڙو ورتاءُ هوندو هيو. انهن جي رهنمائي ڪندو هيو ۽ ڪَم ڪارَ دوران انهن لاءِ ڪاڻ پيڻ جون شيون به وٺيون ايندو هئو. ”حاميءَ جو ڪلام“ ڪتاب جو اهم مقدمو به لکيائين.

1995ع ۾ جڏهن خيرپور جي علم ۽ ادب دوست ڊپٽي ڪمشنر عبدالقادر منگي صاحب ”جشن خيرپور“ منعقد ڪرايو ته ان وڏي ڪَم ۾ به حداد صاحب پيش پيش رهيو. خيرپور جي تاريخ سان سندس دلچسپي غير معمولي هوندي هئي. ”جشن خيرپور“ کان اڳ سعيد منگيءَ کي ساڻ ڪري سياري جي موسم ۾ پورو مهينو خيرپور ضلعي جي تاريخي ماڳن، عمارتن ۽ مقبرن جي فوٽوگرافي ڪرايائين. انهن تصويرن مان چونڊ ڪري ”جشن خيرپور“ جي موقعي تي پوسٽ ڪارڊن جي صورت ۾ ڇپرائڻ جو اهتمام ڪيائين.

حامي يادگار ڪاميٽي ٺاهڻ ۽ هر سال ڳوٺ سوهو ڪناسرا ۾ حامي صاحب جي ورسي تقريب منعقد ڪرڻ ۾ به محمد علي حداد صاحب جو خاص بنيادي ۽ متحرڪ ڪردار رهيو. محمد علي حداد صاحب تحقيق جو ماڻهو هو. هو خيرپور رياست جي تاريخ جي مختلف موضوعن تي تحقيقي مقالا لکندو هو. خيرپور ۾ عزاداريءَ جي تاريخ جي موضوع تي به اهم مقالو لکيائين. پاڻ مولائي ماڻهو هيو. محرم جي مهيني ۾ ڪاري ويس ۾ ملندو هو. سچل سرمست سندس تحقيق جو ٻيو اهم موضوع هيو. سندس اهڙن مقالن جو ڪتابُ سچل چيئر پاران ”سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور“ جي نالي سان سال 2011ع ۾ ان وقت جي ڊائريڪٽر سچل چيئر اياز گُل ڇپرائي پڌرو ڪيو هو. ان ڪتاب ۾ ”سچل سرمست جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور“، سچل جو پهريون سيرت نگار: فقير قادر بخش بيدل“، ”سچل سائينءَ جو اصلوڪو اردو ڪلام“، ”سچل جي سسئي: عزم ۽ همٿ جي علامت“، ”سچل سائينءَ جي ديس واسين سان محبت“، ”سچل سائينءَ جي رحلت وارو عيسوي سن“، سچل جي اشاعت جا مرڪز ۽ ”سچل سرمست انساني وحدت جو مبلغ“ مقالا شامل آهن.

سچل چيئر جي بنياد وجهڻ وقت اياز گل ۽ محمد علي حداد، تنوير عباسي صاحب جا بنيادي ٻانهن ٻيلي هئا. چيئر جي جرنل ”آشڪار“ جي اشاعت ۾ به سندس محنتون شامل هيون. حداد صاحب اسڪائوٽنگ ۾ به گهڻو سرگرم رهيو. هو سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر هيو ۽ اسان جي اڪيڊميءَ جي نصابَ جي جوڙجڪ ۾ به اسان جو رهنما هوندو هيو.

سچل سرمست يادگار ڪاميٽيءَ پاران حداد صاحب کي ”سچل ببليوگرفي“ لکڻ تي 1983ع ۾ سچل سلور ميڊل ڏنو ويو. 1994ع ۾ بهترين ڪارڪن جو ايوارڊ مليس. سندس وڏي پڇاڻان ڪاميٽيءَ پاران ڪيس جيون مڃتا ايوارڊ به ڏنو ويو. هن 1992ع کان 1999ع تائين ”سرمست“ جرنل مرتب ڪيو. حداد صاحب ڪجهه عرصو خيرپور جو ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر به رهيو هو.

سچل سائينءَ جو مستند رسالو ترتيب ڏيڻ جو ڪمُ جيڪو تنوير عباسي صاحب هٿ ۾ ڪنيو هيو، حداد صاحب ان ڪم ۾ سندس مددگار هيو. اهو



محمد علي حداد قربان منگي، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ سعيد منگي.

ڪم 80 سيڪڙو مڪمل به ٿي چڪو هو، پر حداد صاحب ۽ ان کان سِتت پوءِ تنوير صاحب جي وڇوڙي سبب اهو ڪم اتي ئي رڪجي رهجي ويو.

حداد صاحب جي ذاتي زندگيءَ تي نهار وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته سندس جنم 14 آگسٽ 1939ع تي خيرپور ۾ ٿيو ۽ سندس وفات 7 آڪٽوبر 1999ع تي ٿي. سندس آخري سفر ۾ تنوير عباسي صاحب ۽ مان گڏجي وڃي شريڪ ٿيا هئاسين، ۽ اسان گڏجي ڪيس مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو هو. سندس آخري آرامگاهه بخاري پاڙي خيرپور جي قديمي قبرستان ۾ موجود آهي.

1994ع ۾ جڏهن تنوير عباسي صاحب سچل چيئر جي ڊائريڪٽرشپ تان استعيفيٰ ڏني هئي ته حداد صاحب به پنهنجي ڊيپوٽيشن ختم ڪرائي واپس پنهنجي اسڪول۔ ناز هاءِ اسڪول ۾ تدريس جي ڪم ۾ مصروف ويو هو.

محمد علي حداد صاحب هِڪُ نهٺو، بردبار، سدائين مُرڪندڙ ۽ خاموشيءَ سان ڪم ڪندڙ ماڻهو هو. ادب کي ڪڏهن به ذاتي نماءَ يا شخصي پذيرائيءَ جو وسيلو نه بڻايائين. ڪوئي به ادبي ڪمُ، پورهيو سمجهي ڪيائين، موٽ ۾ ڪنهن به سِلي، ايوارڊ ۽ اعزاز جي سڌ نه ڪيائين.

حداد صاحب اسان کان جلدي وڇڙي ويو. رب ڪيس دراز عمر ڏئي ها ته يقيناً هو سنڌي ادب خاص ڪري تحقيق واري شعبي ۾ اڃا به وڏيڪ ڪم ڪري ها ۽ سنڌي ادب کي انمول ڪتابَ ارپي ها. ■

# سگهڙ ماءُ پنهنجي ڌيءَ لاءِ رلي ٺاهيندي ان ۾ ڪل ڪائنات جو حسن ۽ محبتون سڀي ڇڏيندي آهي

بختاور رزاق درس



صدين جي سفر مان ثقافتون جنم وٺنديون آهن. ثقافت ڪنهن قوم جي مهان هجڻ جو جيتي اهڃاڻ هوندي آهي، اتي اها قوم جي سڃاڻپ ۽ انفراديت کي ظاهر ڪندي آهي. سنڌ جي ثقافت ۾ جتي اجرڪ، ٽوپي، لنگي، سوسي ۽ ٻانڌڻوان جي سڃاڻپ آهن، اتي گج، ڪنجرو ۽ رلي به نج سنڌي ثقافت جي اندلٺ جا رنگ آهن. رلي سنڌ جي موافق آب و هوا جي ڪري اوڍڻ لاءِ ٺهي، پر اڳتي هلي جڏهن سنڌياڻين پنهنجو نور نچوئي پنهنجي پورهئي ۾ فن ۽ حسناڪيون سموئيون ته رلي سنڌ جي هڪ ثقافتي سڃاڻپ بڻجي ويئي. ان بعد رلي مهمانن جي اچڻ تي ڪٽن تي وڇائڻ توڙي ثقافتي پروگرامن ۾ اسٽيج سينگارڻ جي ڪم اچڻ لڳي.

رلي جي بناوت مان ئي ان جي گهرڌياڻين جي سگهڙ هئڻ جو اندازو ٿي ويندو آهي. لاڙ پٽ ۽ ٿر ۾ ڌيءَ کي ڏاج ۾ ڏنل رلين جو تعداد ۽ ان جي ڊزائين مان اندازو لڳائبو آهي ته، ڌيءَ کي ماءُ ڪيترو ڏاج ڏنو ۽ ڪيترو ٿي پائينس. سو سگهڙ امڙيون پنهنجو نور نچوئي رلين جو وڏو تعداد ٺاهي، پنهنجي مرڪنديون آهن. جيئن ايراني غاليچن ۽ ڪمبلن تي گل ٻوٽا ٺهيل هوندا آهن، تيئن اسان جي رليءَ تي امڙيون ڪنگريون ڪٽي هولي ۽ ڏياري جا رنگ سموئينديون آهن.

جڏهن ڪا سگهڙ ماءُ پنهنجي ڌيءَ لاءِ رلي ٺاهيندي آهي ته هوءَ ان ۾ ڪل ڪائنات جو حسن ۽ محبتون ان ۾ سڀي ڇڏيندي آهي. سنڌس هر سيبي ۾ پيار جي اٿاهه جذبن جا گلاب ٽڙيل هوندا آهن. هر ٽانڪي ۾ سندس روح جا ريشا شامل هوندا آهن. لطيف سائينءَ به چيو آهي ته، "سنهي سئيءَ سبيو، مون سين مارن من." سو اسان جون امڙيون به پنهنجو ساهه انهن سيبن ۾ سموئي ڇڏينديون آهن. ڪڻ ڪڻ (سيبو/ٽوپو/ٽانڪو) ۾ پنهنجي پيار جا سپ پاسا پوئي ڇڏينديون آهن. اوڙي پاڙي جو عورتو چونديون آهن ته، "اي هلو ته هلي سڪينا جو پرت ڏسي اچون. پوءِ جڏهن جيڏين سهيلين جو سٿ اچي پيڙو ٿيندو آهي ته رلين جي نمائش شروع ٿي ويندي آهي ۽ سڪينا پيئي پنهنجو پرت ڏيکاريندي آهي ۽ پيئي تبصرا ڪندي آهي، "ادي هي ڪڻ هن ڪنگري تي ٺهيو ٿي، سو پري ڇڏيم... آن ڪي (اوهانکي) الاهي وڻيو ڪ ڪون؟...."



۽ ٻيون مايون چونسِ: "ادي تون ته آهين هٿن جي سڄي، سو جيڪو سيبو ٿي ڏين، سو سٺو پيو لڳي." اهو ٻڌي سڪينا جي مک تي مرڪون پکڙجي وينديون آهن.

"اي ڇوڪريون ائين ڪو چانهه جو ڪوپ به ماسين لاءِ آڻينديون يا رڳو ٻاڪو ڦاڙيو پيون ڏسنديون." سڪينا مصنوعي ڪاوڙ سان ننڍين نياڻين کي چانهه لاءِ چوندي ۽ پوءِ وري ڳالهين ۾ لڳي، پنجن ستن عورتن جا آواز گڏجي پکين جي پارليامينٽ بڻجي ويندا. پوءِ پيا رلين، پرت ۽ سيبي تي تبصرا هلندا.

رلي جي بيهڪ ۽ ڊزائين ڌار ڌار ٿئي. ڪي رليون ساديون هونديون آهن، جن جي اندر ڪپهه وجهي سيبا ڏيئي ڇڏيا آهن، ته ڪي فن جو شاهڪار ٿين. انهن ۾ ڪنگريون، گل ۽ مختلف ڊزائنون ٿين. سنڌ جي مختلف علائقن ۾ رلين جون بيهڪون ۽ ڊزائينون هڪٻئي کان الڳ الڳ ٿين، پر ٿر جو پرت سڀني کان اوچو سمجهيو ۽ ليکيو وڃي ٿو.

اها رلي، جنهن ۾ هڪ عورت پنهنجو نور نچويو ڇڏي، تنهن کي معاوضي ۾ ڪجهه به نٿو ملي، پر جڏهن ساڳئي رلي بين القوامي مارڪيٽ ۾ پهچي ٿي ۽ اُتي ان کي هٿ جو هنر (هينڊ ميڊ) ڄاڻائي، ان جي مارڪيٽنگ ڪئي وڃي ٿي ته اها لکن ۾ وڪامي ٿي، جيئن ٻيا برانڊ وڪرو ٿين ٿا. رلي جي هنر کي بين الاقوامي حيثيت ڏيارڻ لاءِ اسان کي سنجيدگيءَ سان ڪم ڪرڻو پوندو. ■

# موهن جي دڙي تي تيزيءَ سان هلندڙ مرمتي ڪم

فدا حسين ابڙو





ڪلهه، ڇنڇر ڏينهن، 24 جنوري تي موهن جي دڙي تي وياسين. اسان سان گڏ ڪراچيءَ مان آيل مهمان: جاني ميمڻ، راشد ميمڻ، انور ابڙو ۽ ڳوٺ ترائيءَ جو گدا حسين ابڙو ۽ ننڍڙا ٻارڙا گڏ هئا. اُتي اسان کي موهن جي دڙي جي ليبارٽري ۾ ڪم ڪندڙ سينئر ملازم رستم پٽو به مليو، ته ڪاوش موهن جي دڙي جي رپورٽر عبدالحق پيرزادي سان به ملاقات ٿي. موهن جي دڙي تي گهمڻ لاءِ آيل ماڻهن جو وڏو تعداد دڙي تي موجود هئو.



موهن جي دڙي تي وياسين پئي ته ان جو مکيه روڊ، جيڪو اڳ ۾ تباهه ٿيل هئو، اهو وڏي تيزيءَ سان ٺهي رهيو هئو، جڏهن ته اندر ميوزيم سان گڏ مختلف فوٽ پاٿن ۽ اسٽوپا جي آس پاس موجود گهٽين تي پڻ مرمتي ڪم هلي رهيو هو، انڪري اسان ميوزيم مهمانن کي نه ڏيکاري سگهياسين.





ڪجهه قديمي نالين کي نئين سِر پٿر سان به ڍڪيو پئي ويو.

ان هلندڙ ڪم بابت موهن جي دڙي تي موجود مقامي ماڻهن ٻڌايو ته، اهو ڪم انڪري جلد ڪرايو پيو وڃي جو ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ ورلڊ بئنڪ جو هڪ وفد موهن جي دڙي جي دوري اچي رهيو آهي، جنهن ڪري اهو ڪم وڏي تيزيءَ سان ٿي رهيو آهي.

اسان موهن جي دڙي جو گريٽ باٿ، کوهه ۽ مختلف گهٽيون ڏٺيون. ڪجهه پٽين توڙي گريٽ باٿ جي تري جي مرمتي ڪم ۾ استعمال ٿيل سرون موهن جي دڙي جي سرن کان ڪافي مختلف نظر آيون. اهو فرق نظر نه اچڻ گهرجي. بهرحال اها وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته عورتون، مرد ۽ ٻارڙا وڏي تعداد ۾ موهن جو دڙو گهمڻ اچن ٿا. ■

# نااميديءَ جي نڙيءَ تي نَنهُن ڏيندڙ غلام رسول ميمڻ

سائبان سانگي



بي رنگ زندگيءَ ۾ رنگ ڀريندڙ، مايوسيءَ جي مڙهين ۾ اميدن جا ڏيئا ٻاريندڙ ۽ ٿڪن جا جلترنگ ڇيڙيندڙ، غلام رسول ميمڻ هڪ سچو، کرو، ايماندار ۽ بااصول صحافي، ايڊيٽر، ڪالم نگار، ڪهاڻيڪار، پبلشر، مُؤلِفُ ۽ سماج سڌارڪ هو. هُو هر ڪنهن جي سڏ ۾ سڏ ڏيندڙ ۽ آسانيون ورهائيندڙ منو ماڻهو هو.

"ماما منو سيني جو، پنهنجن پراون جو منو هو. نه رُڳو نالي جو، پر دل جو به منو هئو. ائين لڳندو آ جڻ "منو" لفظ، ماما غلام رسول ميمڻ لاءِ ئي هئو. ان کان پوءِ ڪجهه منوئي نه رهيو. عيد ته اها هوندي هُئي، جڏهن منو اسان جي گهر اچي، باقي عيدون ته رسمي هونديون هُيون.

گڏوگڏ سڄيءَ شڪارپور جو "استاد." دوستن ۽ عزيزن لاءِ وري "حاجي صاحب" ۽ پنهنجن پراون لاءِ "با غُ" هئو. زندگيءَ سان ڀرپور، مرڪ ۽ مهڪارن جي بهار جي ٽڏڙي هير هئو جڻ، تڏهن ته ڪيس سڀئي "با غُ" به سڏيندا هئا. نه گُل، نه مُڪڙي، سڄو سارو با غ." امان منيءَ (منهنجي نانيءَ) ڪي سڀئي "با غَ ماءُ" ڪري سڏيندا هئا.

امان چواڻي: "اڇو ٻاڙهو، گل جيان سهڻو هوندو هو. تڏهن ڪيس ماڻهو با غ چوندا هئا."

صورت ۽ سيرت جو سهڻو. مرڪن ۽ خوشين سان مهڪائيندڙ. جڏهن خزان ڪڙڪِي، دردن هميشه هميشه جي لاءِ ديرا ڄمايا ته به مرڪندو ۽ جهونگاريندو رهندو هو. پيڙائن جي پيچرن تي پنڌ ڪندي، هو ڪڏهن به نه ٿڪو. هو وڏو صابرين هئو. اولاد جي ناچاڪائيءَ جي غم ۾ پريشان هئڻ ڪري ڪانئس ڪنهن جي پريشاني ڏٺي نه ٿيندي هئي. هميشه اتساهيندڙ ۽ پيار جا پاٺ پڙهائيندي، سندس مُنهن تي ڪڏهن به. ڪنهن مايوسي جو پاڇو نه ڏٺو. جڏهن به ساڻس ڪچهريءَ دوران سندس گفتن تي کلي کلي چپ ٿي وڃبو هو. ته ماٺ ۾ ڏسي چوڻ لڳندو هو: "وري ڪهڙي خيال ۾ گم ٿي وئيئن؟"

اڪثر ڪلندي جهونگاريندو هو:

"دنيا ۾ ڪتنا غم هي، ميرا غم ڪتنا ڪم هي."

مون کي سهڻي ۽ مٺي انداز سان "سڄني، چوڻ وارو مامو منو، غلام رسول ميمڻ، هڪ ڏينهن ائين چُپ ٿي ويندو، ڪنهن سوچيو ئي نه هو.



غلام رسول ميمڻ ۽ نقش ناياب منگي

منهنجي پهرئين ڪتاب "اڃا ڪائنات جيئري آهي" جو ڇپجڻ سندس ڪري ئي ممڪن بڻيو هو. مهاڳ کان ويندي ڇپائي ۽ پڙدي ٿيڻ کان ويندي مارڪيٽ ۽ پڙهندڙن تائين پهچائڻ جا سمورا مرحلا ماما غلام رسول جي ڪري ممڪن ٿيا. والد جي وفات کان پوءِ وک وک تي سندس همت ۽ حوصلا افزائي ئي منهنجو سونهين رهي.

شڪارپور ۾ ماما جي پريس ۽ ڪتابن سان وهنوار اسان جي وڏي عياشي هوندي هئي. لکيدر جا پڪوڙا، ديوان جو فالودو ۽ مٺائي، اقبال سوئيٽس جا پيڙا، هاٿيدر جون چاپون ۽ پوڳڙي بازار جو نمڪو، پڳڙا، لائي ۽ الائي ڪهڙيون ڪهڙيون اسان جون فرمائشون ٽڙندي ۽ ٻهڪندي پوريون ڪرڻ ۽ ٽهڪ ڏئي چوڻ: "آيا ٿئي ڪراچيءَ جا سِڪٽا."

نيون نيون ڳالهيون ٻڌائڻ، سڄي رات ڪچهري ڪرڻ، سياسي، سماجي، ادبي ۽ عام گفتگو ڪرڻ، اديبن جا احوال ڏيڻ، سنڌ ڌرتيءَ ۽ شڪارپور جي تاريخ تي ڀرپور ڄاڻ سان مالامال واقعا ٻڌائڻ جڻ ته سندس فرضن ۾ شامل هئو. جڏهن سندس ڪو ڪتاب ڪٽي ويندي هئس ۽ پڙهي واپس ڪندي هئس ته، چوندو هئو، "ڪتاب تنهنجو ٿيو." جڏهن ته ڪتاب ڏيڻ وقت ٻولائيندو هئو ته، "گم نه ڪجان، واپس ڪجان، اديب ۽ شاعرن کان بابا توبهن! واپس ئي ناهن ڪندا، ڪي ته چورائي به ويندا آهن."

هڪ دفعي ڪتاب ورائي مون کي ڏيندي چيائين: "خبر ٿئي، بيوقف اهو آهي جيڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڪٽي وڃي،" ۽ وڏو ٽهڪ ڏئي چيائين، " ۽ مها بي وقوف اهو آهي جيڪو ڪتاب واپس ڪري."

ننڍي هيس، اڃا پڙهڻ شروع مس ڪيو هئو ته اوچتو پڇيائين: "سنڌياڻي آن؟" شاه جو رسالو اٿئي؟ ياد رکي ڇڏ ته، "جنهن گهر ۾ شاه جو رسالو ناهي اهو سنڌي سڏائڻ جو حق نه ٿو رکي، پر هجڻ ڪافي نه ٿئي سڄني، پڙهڻو ۽ سمجهڻو به اٿئي."

دوستن جا ڪيس لکيل خط، پنهنجا ڪجهه ڪتاب، ڪجهه رسالا ۽ اخبارون ۽ ڪجهه پنهنجا دستاويز ڏنائين ته چيم: "منا! پنهنجا سمورا ٻيا خط به ڏيو نه." ته چيائين: "مون کان پوءِ منهنجي ادبي وارث تون ئي آهين، منهنجي مئي کان پوءِ ڪٽي وڃجان." ڪڏهن شرارتي، ڪڏهن صابرين، ڪڏهن ڪلٽي ته ڪڏهن منهنجي روئڻي ۽ رُسڻي سڄني سڏيندو هو مون کي.

هڪ دفعي ڪين پاڪر پائي فوٽو ڪڍرايم ته چيائين: "سڄني! مري ويم، ته اهوئي فوٽو روئاري وجهندئي."

اڄ اهو ڏينهن، سندن اها خوشي، جيڪا مون سان ملي ٽهڪن جو روپ وٺي ٻهڪندي هئي، ۽ اهو پاڪر پائي فوٽو ڪڍرائڻ، سندس چيل ڳالهه، سڀ ڪجهه ياد اچي رهيو آهي، ته "اهوئي فوٽو ڪڏهن روئاري وجهندئي."

ها اڄ روئي پيس، جڏهن ته مون فوٽو به نه ڏٺو هاڻي. اهو فوٽو مون الائي ڪاٿي لڪائي رکي ڇڏيو آهي، جيئن اکين مان لڙڪ ٿي ٽمندو نه رهي، پر دل جي ديوار تي اهڙن پڪن رنگن سان رڱجي ويو آهي، جو تيسين نه مِٽبو، جيسين اها جيون ۽ جيءَ جي پت نه ڍهندي.

ڇا ڇا نه هو ماما اسان لاءِ. هڪ پوري جيئري جاڳندي ڪائنات هئو. سندس ٽهڪ ۽ شڪارپور، ان جون گهٽيون، دڪيون، رانديون، سُڪ پُل، سيئي سهڻا، سهاندڙي جهڙا سڳنڌ وندا پل... ماما ڇا ويو ته شڪارپور ئي وڃائجي وئي. اسان جا پنڌ ئي پنڌ پهڻ ٿي ويا. ماما ڌرتيءَ هيٺان مٽيءَ ماءُ سان ملي ويو. اسان ڌرتيءَ جي دز ٿي اڏامي وياسين. شڪارپور کان ڏور سنڌس ساروڻين جي صندوقن ۾ دفن ٿي وياسين. سنڌس درد ڪٿائون سنڌس سمورين سارُن ڪي ڪنهن ڪنڌيدار ول جيان ويڙهي ويون آهن ۽ اسان سڀ اڄ تائين زخمي آهيون. ■

> شڪارپور جو بيباڪ صحافي، ڪالم نگار، ڪهاڻيڪار، پبلشر، ايڊيٽر، مؤلف، سماج سڌارڪ ۽ ماڊرن پرنٽنگ پريس شڪارپور جو باني ۽ مالڪ غلام رسول ميمڻ اسان لاءِ "ماما منو، پنهنجن پراون جو منو، سڄيءَ شڪارپور جو "استاد." دوستن ۽ عزيزن لاءِ وري "حاجي صاحب" ۽ پنهنجن پراون لاءِ "با غُ" هئو ۽ امان منيءَ (منهنجي نانيءَ) کي سڀئي "با غَ ماءُ" ڪري سڏيندا هئا.



# روشنيءَ ۾ سمهڻ سان دل جون بيماريون ٿين ٿيون: نئين تحقيق

نئين تحقيق موجب اونداهين ڪمري جي ڀيٽ ۾ روشن ڪمري ۾ ننڊ ڪرڻ سان دل جي بيمارين جو خطرو 30 في سيڪڙو کان 50 في سيڪڙو تائين وڌي وڃي ٿو.

تحقيق ۾ لڳ ڀڳ 89 هزار ماڻهن جي 13 ملين ڪلاڪن تائين روشنيءَ ۾ رهڻ جي ڊيٽا جو تجزيو ڪيو ويو. 8_10 سالن جي فالواپ بعد نتيجا ٻڌائين ٿا ته شديد روشنيءَ هيٺ ننڊ ڪندڙن ۾ دل جي فيل ٿيڻ جو خطرو 56 سيڪڙو، دل جو دورو 47 سيڪڙو ۽ ڪورونري بيماري، ايٽريل فبريليشن يا اسٽروڪ جو لڳ ڀڳ 30 سيڪڙو وڌي وڃي ٿو پوءِ ڀل ته توهان ڪاڏي، ورزش، سگريٽ نوشي ۽ جينيٽڪ طور ڪيترا ئي محتاط ڇو نه هجو.

**سبب:**

جسم جي بايولاجيڪل گهڙي رات جي وچ کان صبح جو ڇهين وڳي تائين روشنيءَ لاءِ وڌيڪ حساس هوندي آهي. تيز روشنيءَ سان رابطو ان گهڙيءَ کي خراب ڪري ٿو، جيڪو دل جي بيمارين جو آزاد خطرو بڻجي ٿو.



تحقيق جي شريڪ محقق فرانڪ شير مطابق ڪمري کي مڪمل طور اونداهون رکڻ ۾ ڪو نقصان ناهي، ۽ ضرورت پوڻ تي صرف هلڪي روشنيءَ سان ڪم هلائي سگهجي ٿو. جديد زندگيءَ جو انداز ان مسئلي کي وڌائي ٿو، تنهنڪري ننڊ دوران روشنيءَ کان بچڻ ضروري آهي. (ڊي ڊبليو) ■


آئون بابا بابت لکڻ چاهيان ٿي: حصو ٽيون ۽ آخري

# بابا سائينءَ جي هر ڳالهه ۾ ڪا نه ڪا انوکي حڪمت هوندي هئي



نفيس فاطمه جعفري

**سندن وڇوڙي کان پوءِ هن ئي سال منهنجي گهر ڀاتين سندن نالي سان بيدار جعفري اڪيڊمي ناهڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي. ان اڪيڊميءَ جو خاص مقصد صرف ۽ صرف بابا سائين جي مشن کي مڪمل ڪرڻ ۽ سماج جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ آهي. بابا سائين پنهنجي نالي جيان هميشه بيدار رهيا. هو سراپا محبت، سراپا پيار، سراپا شفقت، سراپا روشني، سراپا خوشبو، سراپا حسن ۽ سراپا عشق هئا.**



بابا سائينءَ جي هر ڳالهه ۾ ڪا نه ڪا انوکي حڪمت هوندي هئي. هو هميشه چوندا هئا ته، هڪ ٻئي کي محبتون ۽ خلوص ڏيڻ ۾ ڪا ڪمي نه ڇڏيو. هڪ ٻئي کي ايتريون محبتون ڏيو جو ڪڏهن ڪو اوپرو ماڻهو محبت ڀري ڪا ڳالهه ڪري ته اها اوهان کي دلچسپ يا نئين نه لڳي.

3 جنوري 2025ع جو ڏينهن ياد اٿم، جڏهن مون کين چيو: "بابا، اوهان جي طبيعت مونکي صحيح نٿي لڳي. سياڻي ڊاڪٽر ڏي هلنداسين." کلي چيائين: "ڊاڪٽر ڏي پاڻ وڃجان، مان بلڪل ٺيڪ آهيان، مان نه هلندس. سياڻي ڇنڇر آهي، ڪاليج وڃڻو اٿم لازمي."

انهيءَ رات بابا هڪ ٻئي پويان ٽي چار اُلٽيون ڪيون. رات جو 2.30 وڳي آئون ۽ ڀاءُ بابا کي اين آئي سي وي ڊي اسپتال وٺي وياسين. بابا جون مختلف ٽيسٽون ٿيون، خبر پئي ته بابا کي مائينر هارٽ اٽيڪ ٿيو آهي. گڏوگڏ گُردن 75 سيڪڙو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. اهي سڀ ٽيسٽون 15 ڏينهن پهريان ڪرايون هيوسين، سڀ ڪجهه نارمل هيو. گردن ۾ ڪا تڪليف ظاهر نه ٿي هئي. هي سڀ اوچتو ڇا ٿي ويو؟ منهنجي حواسن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو.

اسپتال ۾ هن زنده دل انسان، بابا سائينءَ مونکي ڪَن ۾ چيو هيو، "نفيسان، ڀاءُ کي چئو ويل چيئر آڻي، آئون پيرن سان هلي نٿو سگهان." مان ڄاڻان پئي ته اُن وقت پاڻ ڪيتري تڪليف ۾ هئا. فوري طور تي بابا کي اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ جي بيڊ نمبر 6 تي داخل ڪيو ويو، جتي بيڊ تي پيل هر وجود موت سان جنگ وڙهي رهيو هيو. بابا سائينءَ جي ان وارڊ ۾ اچڻ سان وارڊ جو ڄڻ نقشو تبديل ٿي ويو. بابا اهڙي تڪليف ۾ به پنهنجي دوستن سان گڏ وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي زندگيءَ لاءِ پريشان وجودن کي حيران پئي ڪيو. نيم بيهوش ماڻهو ڪنڌ ورائي ورائي بابا کي ڏسي رهيا هئا. يقينن اهي سوچيندا هوندا ته هي ڪو ٻيو بهلول دانا آهي، جيڪو زندگيءَ جي هن موڙ تي به خوشين جا هوڪا ڏئي رهيو آهي.

وارڊ بواءِ جي رڙ تي سڀ ٽڙي پکڙجي ويا. سيني کي ٻاهر ڪڍيو ويو. بس آئون هيس بابا سان. بابا جي ويجهو آيس، بابا جا ٻئي هٿ پڪڙي چميم، زار و قطار رنس. بابا پاڻ به روئي رهيو هيو. روئي سندن ڪُشادي سيني ۾ سمائجي ويس. گهڙي پل کان پوءِ بابا سائين منهنجي ڳلن تان ڳوڙها اگهيا. پيشانيءَ کي چميو. ڳلن کي چميو. منهنجي هٿن کي چمندي بابا سائين چيو، "ايترو پريشان نه ٿي نفيسان. مولا جو حبدار آهيان، هي موت مونکي نه ماريندو. پاڻ کي ڪڏهن غور سان ڏٺو اٿئي هوبهو مون جهڙي آهين... هي ڏس تنهنجو چهرو منهنجي چهري جهڙو آهي... تنهنجا هٿ ڏس هڪ سئو سيڪڙو منهنجي هٿن جهڙا آهن... موبائل ڪول... فوٽو ڪڍ... منهنجي هٿن جو پنهنجي هٿن سان گڏ." مون فوٽو ڪڍيا، جيڪي هن وقت تائين مون وٽ محفوظ آهن. ڪوڙ ساري ڪچهري ڪئي سين، يا ائين چوان ٻئي جنم ۾ ملڻ لاءِ ڪي وچن ڪياسين...

بابا جي دوستن ۽ ڀائرن جي اسرار تي بابا چيو، هاڻي تون گهر وڃ. هي سڀ مونسان آهن. بابا سان سيني لڳي، اهو آخري ڀيرو موڪلايو. تمام ڏکي موڪلاڻي. ڳرا قدم منهنجا... اداس اکيون بابا جون... جيستائين آئون وارڊ روم کان ٻاهر نه نڪتس، بابا مون کي مسلسل ويندي ڏسندو رهيا. ڪنهن کي ويندي ڏسڻ جو حوصلو رب صرف ڪن مخصوص روحن کي ڏيندو آهي.

6 جنوري 2025ع تي نماز شب جي وقت 4.05 منٽن تي آئون سندن ئي مصلعي تي نماز پڙهي رهي هيس ته اها خبر آئي، جنهن کي آئون لفظن ۾ بيان نٿي ڪري سگهان. پڪ ٿي منهنجي جاڙي روحَ پنهنجي اصل مڪان ڏانهن وڃڻ جو پڪو فيصلو ڪري ورتو آهي.

مون ڪيس سڏ ڪيا.. جام سڏ ڪيا... طويل سڏ... مسلسل سڏ... پيار ڀريا سڏ ڪيا... سڏڪن ڀريا سڏ ڪيا... ماڻهن کان پاڻ ڇڏائي ٻئي خالي ٻانهون آسمان آڏو ڪولي، جبل جيڏي طاقت سان کين سڏ ڪيا... سمورا سڏ پڙاڏي ۾ تبديل ٿيا.. پر هو نه آيو..

آخري ڀيرو مون جڏهن بابا کان موڪلايو، تڏهن مون محسوس ڪيو ته هاڻي هر قسم جي وڇوڙي کي آئون برداشت ڪرڻ جي سگهه رکان ٿي...

بابا سائين هن وقت وادي حسين جي حلقه عبدالله شاهه غازي جهڙي حسين ديس کي آباد ڪيو آهي.

سندن وڇوڙي کان پوءِ هن ئي سال منهنجي گهر ڀاتين سندن نالي سان بيدار جعفري اڪيڊمي ناهڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي. ان اڪيڊميءَ جو خاص مقصد صرف ۽ صرف بابا سائين جي مشن کي مڪمل ڪرڻ ۽ سماج جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ آهي. بابا سائين پنهنجي نالي جيان هميشه بيدار رهيا. هو سراپا محبت، سراپا پيار، سراپا شفقت، سراپا روشني، سراپا خوشبو، سراپا حسن ۽ سراپا عشق هئا. سندن اوچتي وڇوڙي اسان جي جيءَ ۾ ماتم جا اهڙا ته زوردار ڀالا هڻي ڪڍيا آهن، جو روزِ محشر تائين سيني تي موجود زخم تازا رهندا.

پاڻ فطرتاً صوفي مزاج هئا. موت کي موت نه پر "ملاقات" چوندا هئا. اها ملاقات جنهن جو انتظار مون سندن نيڻن ۾ هر وقت ڏٺو. چوندا هئا ته، دعا ڪجو آل محمد صلعم جن مون کي قبول ڪن. اُهي منهنجا محبوب آهن. رب ڪري ته ڪڏهن به پنهنجي محبوبن آڏو پنهنجي ڪنهن غلطيءَ سبب شرمنده نه ٿيان. ■

# ڊاڪٽر حيدر علي شاهه بخاري، جنهن ۾ مريضن جو وڏو ويساهه هئو


آفتاب سومرو



دنيا جهان ۾ اعليٰ خاصيتن ۽ خصلتن جا ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن لاءِ پوءِ ڪوڙ حقيقي ۽ خيالي قصا مشهور ٿيندا آهن. ڊاڪٽر حيدر علي شاهه بخاري کي عام ماڻهو "حيدر شاهه" ۽ ڊاڪٽر حيدر شاهه چوندا هئا ۽ ياد رکن ٿا. ڊاڪٽر ڪوڙ سارين خوبين جو مالڪ هيو ۽ سندس طبيعت ۾ ڪجهه اهڙيون ڳالهيون به هيون، جيڪي ماڻهن: امير، غريب، وس وارن ۽ بيوس ماڻهن کي هڪ جيترو پريشان ڪنديون هيون.

ڊاڪٽر صاحب کي وفات ڪئي پندرنهن سال کن ٿيا هوندا ۽ وفات وقت سندس عمر 65 سالن جي لڳ ڀڳ هوندي.

ڊاڪٽر صاحب ايم بي بي ايس پاس ڪيل هو. چون ٿا ته سرڪاري نوڪري جلد ڇڏي ڏني هيائين، جنهن جو سبب به شڪارپور جو هڪ سرجن هيو، جيڪو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ هيو، جنهن جا غير قانوني ڪم شاهه صاحب هضم ڪري نه سگهيو. ڊاڪٽر صاحب کي ملڪي ۽ غير ملڪي نوڪرين جون ڪيئي آڇون مليون، پر هن اهي قبول نه ڪيون. هو پنهنجي شهر شڪارپور ۾ ئي پريڪٽس ڪندو رهيو. آخري دور ۾ پنهنجي رهائش واري جڳهه ۾ ئي ٻٽن ڪمرن ۾ مطب رکيائين.


ڊاڪٽر حيدر علي شاهه

سندس شخصيت رعبدار هئي. روز شيوِ ڪري، پينٽ شرٽ ۽ ٽاءِ ۾ هوندو هو. جنهن ڏينهن مريض ڏسندو ته، صبح کان وٺي شام تائين ڏسندو رهندو. ڪو وقفو نه، جي مطب ۾ نه ايندو، ته پوءِ ڪٽي ڪير به اچي، نه ڏسندس. سندس ڪمالن مان وڏو ڪمال اهو هيو ته مريضن جون نالا لکيل پرچيون هٿ ۾ ڪٽي انهن کي چڪاسڻ شروع ڪندو، پر دوا ڪنهن به پرچيءَ تي نه لکندو، پلي پنجاهه مريض ڇو نه هجن. انهن ۾ هڪجهڙن نالي وارا پلي ڪيترا به مريض هجن. سيني کي ڏسي پوءِ ڪمري ۾ ويهي پرچين تي دوائون لکندو ويندو. ڪڏهن به ان حوالي سان ڪا خرابي پيدا نه ٿي.

سندس هٿ ۾ معجزاتي شفا هئي. هن وٽ عام بيمار نه ايندو هو. تقريبن نااُميد ۽ وڏين وڏين اسپتالن ۽ وڏن وڏن ڊاڪٽرن کان مليل جواب ۾ نااُميد ٿيل مريضن وٽس ايندا هئا ۽ سڀ جا سڀ چاڪ چڱا ڀلا ٿي ويندا هئا.

سندس هڪڙو ڪمال اهو به هيو ته، ڀلي ڪيترو ئي عرصو اڳ ڪنهن مريض جو علاج ڪيل هجيس، پوءِ ان جي ويجهي خاندان مان آيل مريض کي سڃاڻي وٺندو ته، هي فلاڻي خاندان مان آهي.

لاعلاج مريضن جي صحتيابيءَ جا ڪِيترائي سچا مثال جيئرا جاڳندا آهن، پر انهن جو ذڪر هت نه ٿو ڪجي، ڇو ته اهي اڻ ڳُڻ آهن. گهڻو ڪري هو مريضن جي ليبارٽري ٽيسٽ نه ڪرائيندو هو، پر جي ڪو مريض يا سندس مائٽ ضد ڪري ٽيسٽ ڪرائي ته سئو سيڪڙو اها ئي بيماري ظاهر ٿيندي هئي، جيڪا ڊاڪٽر حيدر علي شاهه پنهنجي چڪاس کان پوءِ کين ٻڌائيندو هو.

ڊاڪٽر صاحب وري هر مريض کي بيماري سمجهائيندو هيو. مون کيس عرض ڪيو هيو ته، "سائين هڪ ته هي ڳوٺن جا ماڻهو آهن، جن مان اڪثريت اڻپڙهيلن جي آهي، اوهان هنن کي جسم جا سرشتا ۽ سندن بيماريءَ کي علمي نموني سمجهايو ٿا، ان جو ڪو فائدو؟" سائين هميشه چوندو هو، "آفتاب، ڊاڪٽر جو تعلق ئي مريضن جي شفا آهي ۽ مون کي انهن مرحلن ۾ ئي اصل تشخيص ۾ مدد ملندي آهي."

مريضن لاءِ پريشان ڪندڙ اها ڳالهه هوندي هئي ته، ڊاڪٽر صاحب ڪيئي ڪيئي ڏينهن اسپتال ۾ نه ايندو هيو ۽ مريض ٻي ڪنهن ڊاڪٽر وٽ وڃڻ لاءِ تيار نه هوندا هيا. سندس دوائن جون پرچيون ته ماڻهو سنڀالي رکندا هيا ۽ ٻي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ بدران اڳ ۾ لکيل دوائن تي گذارو ڪندا هيا ۽ ڪندا آهن.

مان جڏهن به ڪچهريءَ ۾ ساڻس ان ڳالهه جو ذڪر ڪندو هيس ته، "سائين اوهان ايترا سارا ڏينهن اسپتال ۾ نٿا ويهو، ان کان بهتر آهي ته ڪجهه ڏينهن يا تاريخون پڪيون رکي ڇڏيو ته، گهٽ ۾ گهٽ ماڻهن کي اها ته پڪ هوندي ته اڄ کين ڊاڪٽر صاحب ضرور ڏسندو." ته هميشه سندس جواب هوندو، "مان پڙهندو آهيان، نيون طبي تحقيقون، ايجادون ۽ دوائون اچن ٿيون. اسان جا ڊاڪٽر انهن کي ڏسن ئي نه ٿا." پوءِ جن دوائن تي عالمي طور تي پابندي وڌي ويندي هئي، اهي ٻڌائيندو ۽ انهن جا نقصان ٻڌائيندو.

اها حقيقت هئي ته، صحت جي شعبي جي معلومات ۾ ڊاڪٽر صاحب پڙ هيو. منهنجي سامهون هڪ به دفعو، غلطي سان ڪو نئون ميڊيڪل ريپ آيو ته، ڊاڪٽر صاحب جي مهذب انداز جي باوجود سياري ۾ اهي پگهر اگهندا رهيا. عام طور تي ڪمپنيون ڊاڪٽر صاحب ڏي پنهنجي عملي جي ان ماڻهوءَ کي موڪليندا هيا، جنهن کي ان حوالي سان عبور حاصل هوندو هئو.

ان جي باوجود جو ڊاڪٽر صاحب ڪيئي ڪيئي ڏينهن اسپتال ۾ نه ويندو هيو، پر جي مهيني کان پوءِ به ويهي ته خبر ناهي ماڻهن کي الائي ڪيئن خبر پوندي هئي جو الائي ڪٿان ڪٿان اچي ويندا هئا، پوءِ ڊاڪٽر صاحب انهن سيني کي ڏسندو، ڀلي ڪيترو به وقت ٿي وڃي.

اهي مريض جن جي حالت صفا خراب هوندي هئي، انهن کي پاڻ وٽ ئي رهائيندو، هنن ۽ ماني به ڏيندو ۽ جي صفا غريب هوندا ته ڪانئن پيسا نه وٺندو، پر ان کي ڀاڙو ڀتو به ڏيندو هو. وٽس ڪمپائونڊر طور ڪم ڪندڙ اڄ پنهنجيون ڪامياب اسپتالون هلائين ٿا. انهن مان هن وٽ ڊگهي عرصي تائين ڪم ڪندڙ "گل عالم" قسم کڻي هن جي علاج ۽ تشخيص جون اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو آهي، جو اوائلي ديومالائي داستان لڳنديون آهن.

منهنجي ڊاڪٽر صاحب سان ڪچهري گهڻي ڀاڱي علمي حوالي سان ٿيندي هئي. هو هڪ وڏي ۽ شاندار لائبريريءَ جو مالڪ هيو ۽ گهٽ ماڻهن کي خبر آهي ته مصوري به ڪندو هو. آمريڪا ۽ ٻين ملڪن مان مختلف شخصيتن جي حوالي سان ڇپجندڙ ڪتابن، "ڪير ڪير آهي" (Who is Who)، جي هر شماري ۾ ڊاڪٽر صاحب جو ذڪر هوندو هو. اهڙا ٻه ٽي صفحا مون به فوٽو ڪاپي ڪرائي رکيا هيا، پر افسوس جو اهي مينهن ۾ جاين جي خراب ٿيڻ وغيره جي ور چڙهي ويا. ان کان به وڌيڪ افسوس ته ڪوشش جي باوجود، سندس ڪتابن ۽ هٿ سان ٺاهيل تصويرن جي خبر نه پئي ته ڪيڏانهن ويون. ٻيو ته ٺهيو، خود ڊاڪٽر صاحب جي ڪا تصوير ڪوششن جي باوجود گهٽ ۾ گهٽ مان هٿ ڪري نه سگهيو آهيان، جڏهن ته سندس اسپتال واري ڪمري ۾ سندس فوٽو ۽ ڪجهه گروپ فوٽو ٽنگيل هئا.

مريضن کان علاوه عام ماڻهو به ڊاڪٽر صاحب سان وڏي احترام سان جهڪي ملندا هئا. گهڻو عوام ته کيس سيد هجڻ جي ناتي شفا جي ضمانت سمجهندو هيو. گهڻا کيس "پهتل پير" سمجهندا هئا، ته ڪيترن جو خيال هو ته هن وٽ "جن" هيا. ان جو سبب صرف شفاءَ نه هو، پر تشخيص دوران ڊاڪٽر انهن کي ٻڌائيندو هيو ته، مريض هي هي ڪاڏو آهي. هن سان هي هي ٿي گذريو آهي.

چون ٿا ته، ننڍي هوندي هو پنهنجي والد سان گڏ راڻيپور مرشدن "حيدر شاهه" وارن ڏي ويا هيا، جتي پير حيدر شاهه ڪائن پڇيو ته وڏي هوندي ڇا ٿيندين؟ ته جڏهن هن ڪو به جواب نه ڏنو ته، سائين حيدر شاهه کيس چيو ته، "حيدر شاهه ٿيندين؟" ته هن ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي، جنهن تي هن کيس چيو ته اڄ کان تون "حيدر شاهه" آهين. والله عالم به الصواب. ■

دبئيءَ ۾ ٺاهيل هٿرادو جهنگ

# گرين پلئنيٽ وچ اوڀر جو سڀ کان وڏو انڊور رين فاريسٽ بايو ڊوم

گرين پلئنيٽ ۾ تقريبن 3,000 نباتات ۽ جانورن جا قسم، ٻج ۽ محفوظ ٿيل مائڪرو اسپيسيمينس موجود آهن، جن ۾ مور، پوپٽ، ڏيڏر، مڇيون طوطا، نانگ، ٻلائون، چيرا، گل، ٻوٽا ۽ ننڍا وڏا جيت جڙيا شامل آهن. اهي گلن، ٻوٽن، ولين جانور ۽ پکين جا مختلف نمونا ميڪسيڪو، آمريڪا، ڪولمبيا، آفريڪا ۽ ٻين مختلف ملڪن مان هِتي آندا ويا آهن، جن کي اُنهن جي جاگرافيائي ۽ موسمياتي ماحول مطابق گرين پلئنيٽ ۾ رکيو ويو آهي. گرين پلئنيٽ ڏسڻ لاءِ عام ماڻهوءَ جي داخلا ٽڪيٽ بالغن لاءِ 160 درهم (تقريبن 12000 رپيا) ۽ ٻارن (2 کان 10 سالن جي عمر) لاءِ 135 درهم آهي، جڏهن تہ وي آءِ پي ٽڪيٽ تقريبن 199 درهم آهي.

پوَن سنڌي

گرين پلئنيٽ جي چئني سيڪشنس ۾ ننڍا ننڍا پئنل/ڊيسڪ بورڊ لڳل آهن، جن تي ساهوارن (ٻوٽن ۽ جانورن) جي معلومات ڏنل آهي ۽ ساڳئي وقت اُتي QRڪوڊ بہ پرنٽ ٿيل آهن. جي وزيٽر چاهي تہ اُنهن کي اسڪين ڪري جهنگلي جيوت بابت وڌيڪ ڄاڻ بہ وٺي سگهي ٿو. انهن سيني سيڪشنس ۾ ملٽي ميڊيا اسڪرين بہ لڳل آهن، جن تي ساهوارن جي بُڻ بنياد، کاڌ و خوراڪ، عادتن، خاصيتن ۽ ماحول بابت دستاويزي فلمون (documentaries)هلنديون رهن ٿيون. گرين پلئنيٽ جي بايو ڊوم جو فطرتي ماحول، آب و هوا ۽ موسم صحيح/ برقرار (maintain)رکڻ لاءِ اُن ۾ وقفي وقفي سان کنوڻ جي تجلي ۽ گجگوڙ سان مصنوعي مينهن (Thunderstorm Simulation)جو شو پڻ ٿيندو رهندو آهي ۽ بايو ڊوم ۽ آسپاس ۾ موجود پکي ۽ جانور اُن کي اصلي برسات سمجهي ٻوليون ٻوليندا آهن يا چرڪي رڙيون ڪندا آهن ۽ محفوظ پناهگاهن ڏي رخ ڪندا آهن.

گرين پلئنيٽ جي فلورن يا ليولس تي مختلف شوڪيسن، فريمن، جهنگلن ۽ ماڊلس ۾ ٻوٽن ۽ جانورن کي اُنهن جي مزاج، رهڻي ڪهڻي ۽ اصلي فطرتي جهنگل جهڙي ڏيکائي ڏيندڙ ماحول ۾ رکيو ويو آهي.

هِن گرين پلئنيٽ ۾ ڏينهن توڙي رات جي جهنگلي جيوت (جن ۾ جانور ۽ ٻوٽا شامل آهن) کي اُنهن جي قدرتي ماحول پٽاندڙ رکيو ويو آهي ۽ اُنهن لاءِ رهائشي آستانا (ٻر، غفا ۽ آکيرو وغيره) بہ ان انداز ۾ ٺاهيا ويا آهن، جيئن اُهي پريشان نہ ٿين ۽ زنده رهي سگهن. مثال طور، نانگ ۽ چيرا اونده جا جانور آهن، تہ اُنهن جي پڃرن (فريمس) ۾ رات جهڙو ماحول رکيو ويو آهي. باندر جهڙي شڪل رکندڙ ننڍڙي جانور ليمورس (lemurs) کي انسان سان هري مري وڃڻ واري عادت سبب گرين پلئنيٽ ۾ کُليو (آزاد) ڇڏيو ويو آهي. ڪڏهن اُهو بايوڊوم جي ڳرل تي تہ وري ڪيڏي مهل ماڻهن جي ڪلهي تي بہ اچيو ويهي رهي ٿو.




آئون گرين پلئنيٽ ۾ رکيل جهنگلي جيوت جي ماڊلس کي غور سان ڏسندي پئنل بورڊ تي اُنهن بابت ڏنل معلومات پڙهي رهيو هئس تہ، اُهو ننڍڙو ۽ معصوم ليمورس ٽپ ڏئي اچي منهنجي ڪلهي تي ويهي رهيو. مون کي مٿس شفقت جو هٿ ڦيريندي محسوس ٿيو تہ، اهو معصوم گگدام ڄڻ چئي رهيو هُجي، "آئون ڄاڻان ٿو تہ توهان (انسانن) اسان (جهنگلي جيوت) کي هِتي بهتر فطري ماحول ۽ سک سلامتي ڏيڻ لاءِ نہ، پر پنهنجن مفادن ۽ اڊمبر جي پورائي لاءِ نمائش ۾ رکيو آهي. پر ياد رکو! تہ جنهن رفتار سان توهان (انسان) اسان (جهنگلي جيوت) جي تباهي جي پويان پئجي ويا آهيو تہ، اُهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن توهان جو وجود بہ هِن ڌرتي تان ميسارجي ويندو! ڇو جو هيءَ ڌرتي صرف توهان (انسانن) جو گهر ناهي، پر اسان سيني ساهوارن جو گڏيل گهر بہ آهي. اسان سڀ هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي آهيون ۽ هڪ ٻئي جي ضرورتن لاءِ لازم ملزوم آهيون. اسان کي فنا ڪري توهان قدرتي آفتن، زهريلن مادن ۽ ماحولياتي آلودگي کي پيدا ڪري پنهنجي موت کي پاڻ دعوت ڏئي رهيا آهيو."

مون وٽ ان معصوم ليمورس جي سوال جو ڪو بہ جواب ڪونہ هو. مونکي محسوس ٿيو تہ، هُن کي پنهنجي تباهيءَ جي خوف جي باوجود بہ انسان ذات جو ڪيڏو نہ فڪر هو! اسين انسان جيڪي جهنگلي جيوت جي پيڙائن جي احساسن کان خالي ٿي چڪا آهيون، سي پنهنجا بہ وڏا ۽ خطرناڪ دشمن بڻجي چڪا آهيون. فطرت جا قانون لتاڙي ۽ اُنهن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪري خود پنهنجي وجود جا بہ ويري بڻجي چڪا آهيون.

گرين پلئنيٽ ۾ تقريبن 3,000 نباتات ۽ جانورن جا قسم، ٻج ۽ محفوظ ٿيل مائڪرو اسپيسيمينس موجود آهن، جن ۾ مور، پوپٽ، ڏيڏر، مڇيون طوطا، نانگ، ٻلائون، چيرا، گل، ٻوٽا ۽ ننڍا وڏا جيت جڙيا شامل آهن. اهي گلن، ٻوٽن، ولين جانور ۽ پکين جا مختلف نمونا ميڪسيڪو، آمريڪا، ڪولمبيا، آفريڪا ۽ ٻين مختلف ملڪن مان هِتي آندا ويا آهن، جن کي اُنهن جي جاگرافيائي ۽ موسمياتي ماحول مطابق گرين پلئنيٽ ۾ رکيو ويو آهي.

قدرتي ماحول ۽ فطرتي حسن جي هن شاهڪار پارڪ جي عمارت جي ڊزائننگ ڪئناڊا جي ڪمپني Grout McTavish Architects ڪئي آهي، جيڪا اوريگامي ڪيوب (Origami cube)جي شڪل ۾ ٺاهي وئي آهي. اوريگامي هڪ جاپاني آرٽ آهي، جنهن ۾ ڪاغذ کي مختلف تهن ۾ ويڙهي اُن مان گل، پکي يا ٻيون شيون ٺاهيون آهن، جيئن پاڻ وٽ هٿ جي هُنر ۾ ڪاغذ مان مس جي ڪُپي ۽ ٻيڙي وغيره ٺاهيندا آهن. جاپاني اوريگامي آرٽ تي ويچاريندي منهنجي ذهن تي جڳجيت سنگهہ جو ڳايل مشهور غزل، "يہ ڪاغذ ڪي ڪشتي وه بارش ڪا پاني،" تري آيو.

گرين پلئنيٽ جي هِن عمارت جي ڊزائن جاپان جي اوريگامي آرٽ جي عڪاس ضرور آهي، پر اها ٻيڙي نہ، پر ساموندي سِپ (ڪوڏ) جي ڊزائن تي ٺهيل آهي. اِن قسم جي ڊزائن رکڻ مان اهو تاثر اُڀاريو ويو آهي تہ، عمارت جو ٻاهريون ڍانچو (fa ade / shell)ڪاغذ جي اوريگامي (origami)پيٽرن تي مختلف تهن ۾ ويڙهيل هئڻ ڪري، ڪوڏ جي ڪوپي (shell)جيان سخت ۽ مضبوط آهي، جنهن ۾ جهنگلي جيوت بلڪل محفوظ آهي ۽ بنا خوف خطري جي فطري ماحول ۾ زندگي گذاري سگهي ٿي. ان ڊزائن جي مقصد ۾ نہ صرف جمالياتي (aesthetic)ذوق ڪارفرما آهي، پر اُن ۾ ريگستان ۾ ٿيندڙ شديد گرمي کان بايو ڊوم جي جهنگلي جيوت جي آستاني رين فاريسٽ (rainforest)کي محفوظ رکڻ جو تاثر بہ اُڀاريو ويو آهي. انهي حساب سان گرين پلئنيٽ جو ٻاهريون ڏيک (Origami cube)فن ۽ فِڪشن جو ميلاپ آهي، جيڪو خوبصورت بہ آهي ۽ وري جهنگلي جيوت جي لاءِ موزون ماحول جي عڪاسي بہ ڪري ٿو.



گرين پلئنيٽ جو خوبصورت خيال تي ٻڌل هي پروجيڪٽ دبئي جي ڊولپر ميراس (Meraas)جي زير نگراني مڪمل ٿيو ۽ اهڙي ريت گرين پلئنيٽ کي پهرين سيپٽمبر 2016 تي وزيٽرس لاءِ کوليو ويو. گرين پلئنيٽ جو انڊور بائيو ڊوم تقريبن 60,000 چورس فٽ ايراضي تي مشتمل آهي. ان کان علاوه باقي عمارت (built up area)تقريبن 13000 چورس فٽ آهي. گرين پلئنيٽ جهڙا پارڪ دنيا جي فقط چند ملڪن ۾ موجود آهن، جن ۾ برطانيہ جو ايڊن پروجيڪٽ (Eden Project)، سنگاپور جو ڪلائوڊ فاريسٽ (Cloud Forest)۽ ڪئنيڊا جو مانٽريال بايو ڊوم (Montreal Biodome)وغيره شامل آهن.

گرين پلئنيٽ دبئي مڊل ايسٽ جو سڀ کان وڏو انڊور رين فاريسٽ بايو ڊوم (Bio dome)آهي. مڊل ايسٽ ۾ اهڙي قسم جو ٻيو ڪو بہ مڪمل ماحولياتي نظام (ecosystem)تي بايو ڊوم ٺهيل ناهي. هڪ اندازي مطابق گرين پلئنيٽ تي آيل خرچ تقريبن 350 ملين درهم (تقريبن 3.5 ارب روپيا) آهي. دبئي جو بايو ڊوم، گرين بِلڊنگ جي مڃيل عالمي اصولن جي معيار مطابق ٺهيل آهي ۽ بين الاقوامي طور LEEDسرٽيفائيڊ آهي. گرين پلئنيٽ ڏسڻ لاءِ عام ماڻهوءَ جي داخلا ٽڪيٽ بالغن لاءِ 160 درهم (تقريبن 12000 رپيا) ۽ ٻارن (2 کان 10 سالن جي عمر) لاءِ 135 درهم آهي، جڏهن تہ وي آءِ پي ٽڪيٽ تقريبن 199 درهم آهي.

گرين پلينيٽ جي بائيو ڊوم جي ٻاهر نيچرل پارڪ بہ ٺاهيو ويو آهي، جتي ٻارن ۽ وڏن لاءِ تفريحي سرگرمين (activities)جو ماحول مهيا ڪيو ويو آهي. اهو حصو گرين پلئنيٽ جي مهاڙي ۾ واقع آهي، يعني جيئن ئي توهان ٽڪيٽ وٺي گرين پلئنيٽ ۾ داخل ٿيو ٿا، هي حصو شروع ٿيو وڃي. هن آئوٽ ڊور پارڪ ۾ وڏن جِيتن جا اليڪٽرو مڪينيڪل ٽيڪنالاجي تحت نقل ڪري ٺاهيل (animatronic)ماڊلز رکيا ويا آهن، جيڪي پنهنجي قدرتي انداز ۾ چرپر ڪندي ۽ آواز ڪيندي ڏيکاريا ويا آهن. انهن ۾ ڪوريئڙو، پوپٽ، وڇون، ڪچون ۽ ٻيا جيتن جا ماڊل شامل آهن، جن جي پرسان لڳل QRڪوڊ اسڪين ڪري توهان اُنهن جيتن جي مڪمل ڄاڻ بہ وٺي سگهو ٿا. هِن پلي ايريا (پارڪ) ۾ ٻارن جي وندر لاءِ ٽري هائوس (Treehouse)۽ وروڪڙ وارا رستا (trails)بہ ٺاهيا ويا آهن، جن ۾ فطرتي منظر ڏسڻ وارا پليٽفارم (viewing platforms)بہ موجود آهن.

اُن کانسواءِ هن پارڪ ۾ اسڪاءِ لائن (skyline)واڪ پڻ ٺاهيو ويو آهي، جيڪو وڻن جي وچ ۾ پُلن سان ڳنڍيل آهي. فطرتي ماحول ۾ ان واڪ جي خوبصورتيءَ جو هڪ پنهنجو ائڊوينچر ۽ مزو آهي. هِن پارڪ ۾ سلائيڊس (slides)بہ آهن، جيڪي 4 کان 12 سالن جي عمر تائين جي ٻارن لاءِ ڊزائين ڪيل آهن. گرين پلئنيٽ ۾ الڳ سان نباتاتي سيڪشنس (botanical areas)پڻ ٺاهيا ويا آهن، جهڙوڪ، پام ٽري گارڊن، بانس (bamboo)گارڊن ۽ هرب گارڊن وغيره. پارڪ ۾ ننڍڙي ڊائننگ ايريا پڻ موجود آهي، جتي ڪيسي کي هلڪو ڪري يعني پئسن سان کاڌي پيتي جون شيون وٺي فطرتي ماحول ۾ ويهي مزي سان کائي پِي سگهو ٿا. هن پارڪ ۾ اڪثر تعليمي ۽ ماحولياتي سرگرميون بہ ٿينديون رهنديون آهن.

هِن پارڪ ۾ انتظاميہ طرفان ماهر بائيولاجسٽس (Biologists)پڻ رکيل آهن، جيڪي پارڪ ۾ موجود وزيٽرس کي جيت جڙين (bugs) جي دنيا بابت گهربل ڄاڻ ڏيندا آهن. ٻارن لاءِ وڻن پوکڻ جي سرگرمين کان علاوه، هِتي آرٽس ۽ ڪرافٽس جا مختلف ورڪشاپس بہ ٿيندا رهندا آهن، جن جا اڪثر موضوع جهنگلي جيوت، ماحولياتي آلودگي، ڌرتي تي بدلجندڙ موسمون، آب و هوا، جيت جڙيا (bugs)۽ قدرتي ماحول وغيره هوندا آهن. گرين پلئنيٽ ۾ هالووين فيسٽيويل ۽ ٻين خاص ايونٽس تي ماڻهن کي تفريح مهيا ڪرڻ لاءِ خاص پروگرام بہ ترتيب ڏنا ويندا آهن.

دبئيءَ جو هي انساني هٿن جو ٺاهيل جديد ٽيڪنالاجي جو شاهڪار گرين پلئنيٽ جتي هُوبهو فطرتي ماحول ۽ قدرتي منظرن جي عڪاسي ڪندي اصلي ٻيلي ( rain forest)جيان ڏيکائي ڏئي ٿو، تہ اُتي عالم جي انسان کي، ڌرتي کي ماحول دوست ۽ آلودگي کان پاڪ بنائي، اُن تي سيني جيون (ساهوارن) کي بنا هڪ ٻئي کي نقصان پهچائڻ جي، پيار محبت سان گڏجي رهڻ جو پيغام بہ ڏئي ٿو. ■

# هُو ڪاوڙ ۾ نثري نظم لکندو آهي

رحيمداد جوڳي



**گارشيا مارڪيز پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هئو ته، "سنو ليکڪ هئڻ لاءِ صحت جو سٺو هئڻ ضروري آهي،" پر روشن شيخ سان جڏهن به ملبو ته، هو ڪاوڙ سان ڀريل شخص ئي ملندو. فقير ڪي خير ڏيندو ته اهو به ڪاوڙ ۾. هيءُ جيڪڏهن ڪاوڙ ۾ ڳالهائيندو، تڏهن به نظم لکي ويندو، ۽ جيڪڏهن کلي ڳالهائيندو تڏهن به ڪجهه نه ڪجهه لکي ويندو. وري جڏهن لکڻ وسري ويندس ته گهمڻ نڪري پوندو يا وري فون بند ڪري ڇڏيندو.**



بسم الله پبلڪ اسڪول نري ميرواهه ۾ ڪلاسن جو رائونڊ لڳائي ٻاهر اُس تي رکيل ڪرسيءَ تي اچي وينس، ۽ ڪجهه گهڙين ۾ اتي تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻي اسڪول جي لائبرري ۾ وڃي پهتس. خيال هئو ته، عبدالقادر جوڻيجي جي انٽرويوز جو سهيڙيل ڏيهي ۽ پرڏيهي ليکڪن جو ڪتاب "چوچا ۽ ڪيئن" کڻي پڙهان. جيڪو اڄ کان ڏهه يارهن سال اڳ به پڙهي چڪو هئس، پر انور ڪاڪا جو ڪتاب "پيشانيءَ سان لکيل نظم" سامهون مرڪي رهيو هو. انور ڪاڪا جو ڪتاب کڻي، روشن شيخ جو ڪتاب ڳولڻ لڳس. ڪوشش ڪرڻ سان روشن جي نثري نظمن جو ڪتاب "هن مون کي ان فرينڊ ڪري ڇڏيو" ڪاوڙيل ڇوڪريءَ وانگر نظر اچي ويو. ٻئي ڪتاب هٿ ۾ کڻي ٻاهر آيس ۽ سياري جي اس جو مزو وٺندي، پهريان روشن شيخ جو ڪتاب پڙهڻ لاءِ کنيم ۽ ان جي آخري پني تي موجود نظم "ڪوڙ" پڙهڻ لڳس:

"تو چيو
۽ مون
توکي وساري ڇڏيو!"

نظم پڙهڻ سان ئي مون کي محمد علي مداح جو هيءُ پرپور نظم ياد اچي ويو:

"چپائين
ماٺ ڪر
۽ مون
زبان ڪترائي ڇڏي!"

ان سان مان هڪ گهڙي خاموشي ۾ هليو ويس. اسڪول جي پٽيوالي پاڻيءَ جو گلاس ڏنو. هڪ ساهيءَ پاڻيءَ جو گلاس پي ويس، ته روشن شيخ جو هڪ ٻيو نظم "پسنديده ڪوڙ" پڙهڻ لڳس:

"مان ٺيڪ آهيان!
منهنجو پسنديده ڪوڙ!"

ساڳئي طرز تي انديا جي شاعر گلزار جو هڪ نظم آهي:

"ڪير تو چوي پاڻ
ڪوڙ نه ڳالهائيندا
آهيون من!
هڪ پيرو خير خيريت
پڇي ته ڏسو!"

ڪڏهن ڪڏهن جيون به ڪچي مٽي جي هڪ رانديڪي وانگر لڳندو آهي جو روز ٺهندا آهيون ۽ روز ڍهندا آهيون. رسڻ جا پنهنجا پنهنجا نمونا هوندا آهن. جڏهن اسان ٻار هوندا هئاسين ته هڪٻئي سان ڪِٽي ڪندا هياسين. ان ڪِٽيءَ جي منظرنگاري مصور جي رنگين سوچ جهڙي هوندي آهي. ناراض ٿيڻ وارا ٻئي ڄڻا پري کان پنهنجي هٿ جي ننڍي چيچ سان چيچ ملائي ڪِٽي ڪندا آهن يا وري پري کان هٿ جي ننڍي چيچ سان وات جي واڇ کي ڇڪ ڏئي هڪ ٻئي سان ناراضگيءَ جو اظهار ڪبو هو. روشن شيخ جو هي نظم به پاڻ ۾ هڪ وڇوڙي جي علامت آهي:

"هن مون کي انفرينڊ ڪري ڇڏيو
۽ ڳوٺ جي
پراڻي قبرستان ۾
هڪ نئين قبر جو اضافو ٿي ويو!"

آڪاش عامر مون کي حبيب ساجد جو هڪ نظم ٻڌائيندو آهي ته:

"هن مون کي چيو
آءِ هيٽ يو
۽ مان گلوب مان ئي نڪري ويس.
هن مون کي چيو
آءِ لو يو
افسوس
پهاڙن ٻڏو، ندين ٻڏو، پکين ٻڏو
۽ هڪ تازي قبر ٻڏو!"

روشن شيخ جا ننڍڙا نثري نظم جڏهن مون "سوجهرو" ۾ پڙهيا هئا ته مان سندس عاشق ٿي پيو هيس. هو شڪل ۾ هڪ دراوڙ ڇوڪرو لڳي رهيو هو ۽ هو اڄ به دراوڙ ئي آهي. هيءُ مسلسل لکندو رهي ٿو ۽ ڇپجندو رهي ٿو.

گارشيا مارڪيز پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هئو ته، "سنو ليکڪ هئڻ لاءِ صحت جو سنو هئڻ ضروري آهي،" پر روشن شيخ سان جڏهن به ملبو ته، هو ڪاوڙ سان ڀريل شخص ئي ملندو. فقير ڪي خير ڏيندو ته اهو به ڪاوڙ ۾. هيءُ جيڪڏهن ڪاوڙ ۾ ڳالهائيندو، تڏهن به نظم لکي ويندو، ۽ جيڪڏهن کلي ڳالهائيندو تڏهن به ڪجهه نه ڪجهه لکي ويندو. وري جڏهن لکڻ وسري ويندس ته گهمڻ نڪري پوندو يا وري فون بند ڪري ڇڏيندو.

پر هو جڏهن پهريون دفعو مون سان ملڻ لاءِ نري ميرواهه، ويگن ۾ چڙهي آيو هئو ته، مون کي هُو هڪ چست ۽ وٺندڙ ڇوڪرو لڳو هو. جيئن ته مان پاڻ جهڙا نظم لکندو آهيان، تيئن روشن شيخ به پنهنجي پاڻ جهڙا نظم لکندو آهي. سندس جو هڪ نظم آهي:

"هن کي انب ڪٽڻ ڪونه ايندا آهن
توڙي جو هن جي زبان
ڇريءَ کان به تيز آهي.

هن کي جهمر پائڻ به ناهي ايندي
حالانڪ هوءَ ڇگن پلن کي
آڱرين تي
نچائڻ جو هنر ڄاڻندي آهي.

هن جا هٿ سدائين صاف سٿرا هوندا آهن
هوءَ ڪاروبار به ڪوئلن جو ڪندي آهي."

روشن شيخ جنهن مٽيءَ مان جنم ورتو آهي، ان ساڳئي مٽيءَ مان سرمد سنڌيءَ به جنم ورتو هو. روشن ۽ سرمد، سنڌوءَ جا پائر آهن. هنن جي دانهن ۽ ڪوڪ سنڌوءَ جي دانهن ۽ ڪوڪ جهڙي آهي. هي لکي ٿو:

"درياهه تي سهڻيءَ جي دانهن سڀ ڪنهن کي ياد آهي
پر درياهه جون دانهون
ڪو ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي
درياهه جيڪو پنهنجن ڪنارن جي وچ ۾
سينڌ جي ليڪ جيترو بچيو آهي."

بهرحال جيئن پهريان تاج بلوچ جي ادارت هيٺ "سوجهرو" جي ليکڪن کي هر مهيني "سوجهرو" جي اچڻ جو وڏي اڪير سان اوسيئڙو هوندو هو، تيئن هاڻي انور ابڙي جي ادارت ۾ نڪرندڙ ڊجيٽل ميگ ڪاوش دنيا جو پڙهندڙن کي انتظار هوندو آهي، تيئن وري هر دفعي روشن شيخ جي ايندڙ نئين ڪتاب جو مون کي انتظار هوندو آهي.

ايندڙ وقت ۾ روشن شيخ سنڌي نثري نظم جو هڪ اهم شاعر ٿي اڀرڻو آهي، ڇو ته هيءُ ابراهيم ڪرل، امر اقبال ۽ حبيب ساجد جي ادبي سفر جو ساٿيئڙو آهي. ■

## اطهر منگي

### زندگيءَ کان فرار ...!!



زندگيءَ کان فرار
اطهر منگي

پنهنجي ،
مرضيءَ سان جيئڻ ،
سيني جو حق آهي !

هوءَ ماضيءَ ۾ جيئڻ جي ،
عادي ٻڻجي چڪي آهي !
جيتوڻيڪ ،
سندس ماضي،
خوشيءَ جي خزاني سان ڳڏ،
دردن جو به داستان آهي !
ڪير ٿو ڪنهن کي،
روڪي سگهي !

پنهجيءَ مرضيءَ سان ،
جيئڻ ،
سيني جو حق آهي !

شرط اهو آهي ته،
ڪنهن انسان کي ،
سندس طرفان ڪوئي ،
رنج نه پهچي !

هُوءَ آهي ته،
يورپين حسن جهڙي !
روشن خيال به،
ليکجي ٿي!

پر ويجهڙائيءَ واري،
ڪجهه عرصي کان،
گهڻو بدلجي وئي آهي!
وهمن وسوسن جي،
کوهيڙي ۾ گم ٿي وئي آهي!

پنهجي،
مرضيءَ سان جيئڻ،
سيني جو حق آهي !

ايئن به ڪونهي ته،
ڪمزور احساسن واري آهي !
ڏاڍي بهادر آهي !
ڪيترن ئي تيز طوفانن جو،
مقابلو بيباڪيءَ سان ڪرڻ جي،
هنر کان به خوب واقف آهي!

زندگيءَ جي،
سمورن رنگن سان،
ٺمٺار به آهي !
سمجهي نٿو سگهجي ته،
زندگيءَ جي،
حقيقتن کان ڇالاءِ ،
فرار وارو رستو،
اختيار ڪيو اٿئين!

پنهجي،
مرضيءَ سان جيئڻ،
سيني جو حق آهي !

پاڻ ڏانهن ايندڙ،
سمورن رستن تي،
رنڊڪون وجهائي ڇڏيون اٿائين!
پنهجي ڪمري جي،
دَرِيُن جا تاڪَ به،
بند ڪري ڇڏيا اٿئين!
تازي هوا جي داخلا به،
منع آهي!
ڇا تو ڇئي سگهجي !
ڇا تو ڪري سگهجي !

زندگي ته،
هُن جي پنهنجي آهي !
پنهنجي،
من جي مونجهاري کي ته،
پاڻئي سمجهي ٿي سگهي !

پنهنجي،
مرضيءَ سان جيئڻ،
سيني جو حق آهي .... !! ■

## غزل

### وسيم سومرو



خواب منهنجا خوبصورت واٽ تي رهجي ويا
جيئن پتنگا چار پچندي لاٽ تي رهجي ويا

ميـنهن مونکي پاڻ سان آيو کڻي پنهنجي اڱڻ
مون سڪايا ها جي ڪپڙا گهاٽ تي رهجي ويا

ڪنهن ڏنوئي ڪو نه پنتي ويا اڳيان نڪري سيئي
نيڻ جهاتيون ٿي ڪڪر جي ڇاٽ تي رهجي ويا

خودڪشيءَ جي تن گواهي پئي ڏني هن شهر کي
سرخ ليڪا جي رسيءَ جا ڳاٽ تي رهجي ويا

ڪيئن نه راتاهو هٽي ڪو واءُ ٿي اڏري ويو
چور جا پيرا هنيل ڪنهن ڪاٽ تي رهجي ويو

سچ جيئن اپريو ته مالهيءَ جي نظر گل گل ڏٺو
پنکڙين جا هيٺ ڳاٽا ماٽ تي رهجي ويا

تو چمي مونکي وسيم آڪاس جهڙا جي ڏنا
سي صبح جو رنگ ها لالاٽ تي رهجي ويا

شاعر ۽ سندس شاعري


# علي حسن سرڪيءَ جي شاعري

ديدار معصوم



شاعريءَ جي تخليق، فطري صلاحيت هئڻ سان گڏ مشق پڻ آهي. سچي ۽ حقيقي شاعري دل مان نڪري دل تائين پهچي ٿي. شاعري زندگيءَ جا ننڍڙا منظرَ، خاموشي، دردَ، خوشي ۽ وڇوڙن جي احساس جي ڪيفيت پيدا ڪري ٿي. خاص طور تي غزل کي بحر وزن تي لکڻ هڪ آرٽ ۽ ڪمالُ آهي، جيڪو خدا طرفان مليل هڪ ڏات آهي. شيخ اياز، عطا محمد حامي ۽ استاد اميد خيرپوري وزن بحر جا وڏا نالا ٿي گذريا آهن، جن کي پڙهي اڄ بہ نوجوان شاعرَ سٺي شاعر ٿيڻ جو ڏڳ وٺي سگهن ٿا. بلڪل اهڙي ئي پيچري تي هلندڙ استاد شاعر: علي حسن سرڪي پڻ آهي، جيڪو عطا محمد حامي ۽ اميد خيرپوريءَ جي شاعراڻي پير تي پير رکي هلندي هڪ مضبوط شاعر بڻيو آهي. ساجد جمالي ابن اميد خيرپوري ۽ علي حسن سرڪي منهنجا ادبي رهنما آهن.

تازو علي حسن سرڪيءَ جو نئون ڪتاب روشني پبليڪيشن شايع ڪيو آهي، جيڪو خيرپور جي ادبي ڪيتر ۾ غزل جو پهريون مڪمل ديوانُ سمجهيو وڃي ٿو. هن کان اڳ ۾ بہ اردو ۽ سنڌي ادب ۾ ڳچ شعري ديوان ڇپجي چڪا آهن، پر هيءُ ڪتاب ضلعي خيرپور واسين لاءِ انڪري بہ منفرد حيثيت رکي ٿو، جو ان صرف لفظن جو پورائو ناهي ٿيل، پر ديوان سان مڪمل انصاف ڪيو ويو آهي.




ديوان ۾ هر اکر تي ٿي غزلَ پڙهڻ لاءِ ملن ٿا ۽ هر صفحي تي مطلع سميت اٺن بندن تي مخلتف وزنن تي جاندار تخيلَ پڙهڻ لاءِ ملن ٿا، جن ۾ رواني بہ آهي، تہ اڏام بہ ۽ قافيي ۽ رديف جي پابندي بہ رکيل آهي. ان سان گڏ ان ۾ سونهن جو خاص خيال رکيو ويو آهي.

"سر کي ڦوڙائي ٿو پِيُ
ڪيڏو لوڙائي ٿو پيءِ
خوابن جي ساپيان جي لئہ
ڏاڍو ڊوڙائي ٿو پيُ."

ان شعر ۾ ڪمال جي وسيع سوچ ۽ فڪر بيان ڪيل آهي.

"ڪنهن جو آ ڪيرايل پاپُ
ڪچري ۾ اڇلايل پاپُ
ننگَ اگهاڙو ڪوئي ٻار
تازو تازو ڄايل پاپ."

❋

"تو کي جواب ڏيندس مون کان سَوال پُڇ
مون کي خوشي پو ٿيندي جي تون ڪو حالُ پُڇ
توکي ڏسڻ جي حسرت ڏاڍي رهي پئي
کهڙو هلي ٿو هاڻي فرقت جو حالُ پڇ."

فرقت جي دنيا ۾ رهندڙ ماڻهوءَ لاءِ ڏينهن تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح گذري ويندو آهي، پر راتيون وڏي عذاب وانگر لڳنديون آهن. اڪيلائيءَ ۾ گذريل وقت جا عڪس اکين اڳيان اچن ٿا تہ، محبوب جون ڳالهيون، کلڻ ۽ گڏ گذاريل پل اداس ڪري وجن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ علي حسن جي قلم خوب نڀايو آهي، چوتہ هيءَ هڪ ڪيفيت آهي جيڪا شاعريءَ ۾ قلم بند ٿئي ٿي.

"مان هجر جي گهڙي سان پڪاري ٿڪس
واٽ تنهنجي وري پي نهاري ٿڪس
لڙڪ سارا وهي جڻ ندي ٿي ويا
رات جي سانت ۾ نيرهاري ٿڪس."

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ علي حسن سرڪي هڪ فطرتي شاعر آهي، جنهن جو ڪلام ٻڌائي رهيو آهي تہ، شاعري عطا ٿيل ڏات آهي، جيڪا خدا ڪنهن ڪنهن شاعر کي عطا ڪندو آهي. ■

ڪتاب: اڳتي وڌو ( شاعري) - شاعر: بيخود بلوچ

# ٻارن جي لاءِ شاعريءَ جو هڪ دلچسپ ڪتاب


امداد جسڪاڻي



ٻارن جي ذهني صلاحيت وڌائڻ ۽ ان کي اخلاق ۽ ادب جا سبق سيکارڻ جي ذميواري والدين ۽ استاد جي هوندي آهي، پر ساڳي ذميواري هڪ اديب ۽ شاعر جي بہ آهي تہ هو پنهنجي معاشري ۾ اخلاقي قدرن جي ڳالهہ ڪري. اسان ٻارن جي اخلاقي تربيت ڪنداسين ۽ کين پنهنجي ادب، سماج ۽ ماڻهن سان جوڙينداسين تہ مستقبل ۾ اهي معاشري جا بهترين فرد ثابت ٿيندا. ٻي صورت ۾ هو پنهنجي صوفي شاعرن، راڳين ، ويراڳين ، پنهنجن ماڳن ۽ مڪانن کان بلڪل اڻواقف هوندا. هن وقت موبائيل فون جي ڪثرت سان استعمال سبب ننڍي کان ننڍو ٻار بہ پنهنجي سوچ ۽ رويي ۾ بلڪل بہ مختلف ٿيندو ٿو وڃي.

ٻئي طرف بيخود بلوچ ٻاراڻي ادب ۾ پنهنجي حصي جو ڪم ڪندو پيو اچي ۽ ٻارن لاءِ بهترين ۽ سندن دلچسپي وارا شعر لکي ٿو، جيئن اهي ٻاراڻا ٻول پڙهي خوش بہ ٿين تہ ڄاڻ بہ حاصل ڪن. مثال طور نظم "سجاڳي جو سڏ" جو هيءُ شعر پڙهو:

"تڪڙو آ دؤر آيو،
اڳتي وکون وڌايو."




ٻارن جي لاءِ ڪيل سندس شاعريءَ جو ڪتاب "اڳتي وڌو" گذريل مهيني شايع ٿيو آهي، جيڪو سندس اڳ وارن ڪتابن: "ٻوليون لوليون ٻارن جون" ۽ "جاڳو ٻارو" کان ڪافي حد تائين مختلف ۽ نوَن خيالن تي مشتمل آهي.

ناميارو شاعر ۽ محقق اختر درگاهي ان ڪتاب جي مهاڳ ۾ بيخود بلوچ جي تخليقي عمل جي شاندار لفظن ۾ واکاڻ ڪندي لکيو آهي تہ: "بيخود بلوچ اسان جي انهن سٺن شاعرن مان آهي، جنهن جي شاعري صرف جذبات نگاري تائين محدود ناهي، پر هن شاعريءَ جي باقائده رياضت بہ ڪئي آهي، انهيءَ ڪري هو پنهنجي حلقي ۾ هڪ پڪي پختي ۽ مضبوط شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو."

ڪتاب واري نالي واري نظم "اڳتي وڌو" ۾ بہ بيخود بلوچ ٻارن کي سجاڳ ڪندي نظر اچي ٿو:

"ساٿيو سستي ڇڏي اڳتي وڌو،
وقت ٿو سڀ کي سڏي اڳتي وڌو."


يا وري "صوفي" نظم ۾ ٻارن کي صوفي شاعرن سان هن طرح متعارف ڪرائي ٿو:

"سچل سامي گهوٽ پنائي،
حق جي ڳالهہ فريد ٻڌائي،
ڏيکاريا جن سچ جا چارا."

هن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي ناميارو شاعر ادل سومري جو رايو شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ هو لکي ٿو تہ: "بيخود ٻارن جي نفسيات کي سمجهي ٿو، اهوئي سبب آهي جو هن ٻارن لاءِ وندرائيندڙ، دلچسپ ۽ معلوماتي نظم رچيا آهن."

بيخود بلوچ هڪ استاد جي حيثيت سان بہ ٻارن جي نفسيات کان واقف آهي ۽ ٻارن جي ٻولي ۽ انهن جي اٿڻي ويهڻي کان بہ باخبر رهي ٿو ۽ نظمن ۾ انهن کي اهڙي ئي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. تنهن ڪري ٻارن، سندن والدين توڙي سنڌي ادب پڙهندڙن کي گهرجي تہ اهي هي ڪتاب ضرور پڙهن. سونهن پبليڪيشن پريالوءِ پاران 64 صفحن واري شايع ڪيل ان ڪتاب جي قيمت ڏيڍ سئو رپيا آهي. ■

## غزل



### علي دوست عاجز

هي ڪنهن جا آڏاٽا ها، هِن بَستيءَ ۾،
دِليُن جا ڏوراٽا ها، هِن بَستيءَ ۾.

هِن بَستيءَ ۾ رهندو هو مخدوم بلال،
گهائڻ لئہ ڪَي گهاٽا ها، هِن بَستيءَ ۾.

مون ڪي پڪ هُئي، ايندينءَ تون هڪ ڏينهن هِتي،
مون ڪيا نيڻ وِڇاٽا ها، هن بَستيءَ ۾.

ڪُونجن جا ڪَرڳل ها، هِن اَمبر هيٺان،
”آيل ڙِي! اولاٽا“ ها، هِن بَستيءَ ۾.

ها هِي دِل، جا هاٽي سڏجي ڪاڪِ پَئي،
رهندا ڪڏهين راٽا ها، هِن بَستيءَ ۾!

## انجم قاضيءَ جا ٻہ غزل

1

وَس ۾ هُجي تہ پنهنجي ايڏي اُڌارَ رکجي
آڪاس ڪان ٻہ اڳتي پنهنجي نهارَ رکجي

واپس وري ٻہ موٽي ننديپڻ ڏي هلجي ٻيهر
اي ڪاش! وقت تنهنجِي هٿ ۾ مُهارَ رکجي

هُنَ جي خوشيءَ سان ڪيئي وڪرن ٿارنگ چوڏس
هرجيتَ هُنَ کي ڏيئي خود وٽِ ئي هارَ رکجي

آ مختصر حياتي، انسانَ سوچ ٿورو
ڇو پوءِ نفرتن جي وچَ ۾ ترار رکجي

ويو رنجشن ۾ گذري، بيڪار وقت جڻ هو
ڪجهہ پاڻ تي ۽ ڪجهہ ڪجهہ هُنَ تي ميارَ رکجي

معصوم پيار جي هِنَ معصوم حسرتن جي
ڪيسين اندر ۾ جوڙي انجم! مزارَ رکجي.

2


ايئن هَلي تي سارَ هَٿَ ۾ هَٿُ ڏئي
گڏُ هَلنِ جئن ٻارَ هَٿَ ۾ هَٿُ ڏئي

آسمانِ ڪان اجان ڪجهہ اڳيرو
آءُ ڪريون اُڌارَ هَٿَ ۾ هَٿُ ڏئي

ڪَنهِن جمعي جي رات ويهي ڍِنڍَ تي
ونڊِ ڪي ويچارَ هَٿَ ۾ هَٿُ ڏئي

هُوءَ ايندي رات تارا اُيَّ تي
ناهيندا قَطارَ هَٿَ ۾ هَٿُ ڏئي

## غزل



### نماڻو صديق مهيسر

مون رات ڏنا سڏڪا تصوير ڪِري پئي آ
۽ منهنجا ڏسي الڪا تصوير ڪِري پئي آ

تحرير لکي ٿم جو پيا لڙڪ ٿمن منهنجا
تقدير ڏنا جهٽڪا تصوير ڪِري پئي آ

ڪو ڪو نہ ٿو مون سان چالاءِ ٿهي هاڻي
۽ سوچ هنيا پلٽا تصوير ڪِري پئي آ

ڇو ڏار ڪري مون کي ٿي ڏور وڃين جانان
۽ درد هنيا ڦٽڪا تصوير ڪِري پئي آ

جڻ ساهہ نماڻي جو هي هاڻ وڃي نڪتو
پئي سور ڏنا سٽڪا تصوير ڪِري پئي آ.

■

## نثري نظم



### مهر فقير

اسان جي تهذيب
۽ ثقافت
موهن جي دڙي واري
مطلب اجرڪ ۽ رقص
باقي
امن، ايڪو
۽
خوشحالي نہ .

❊

هو لڳاتار
اسٽيج تي
رقص ڪندڙ رقاصہ کي
نهايت غور سان
نهاري رهيو هو
۽ گهر ۾ وينل
ڌيءَ کي پردي بابت
سمجهائي رهيو هو.

■

## غزل



### انور سانول

ذهن ۾ حد دخليون ۽ سوڙَهہ ڇو؟
نيڻ آهن مس ستا پو،گوڙَ ڇو؟

ڪيتري ڪنهن آ ڏني مونکي عزت،
ذلتن لئي هيتري جاڪوڙَ ڇو؟

نيت ٿڪجي آ سمهي پئي لحد ۾،
زندگي ايڏي ڪيَئي ٿي ڊوڙَ ڇو؟

نيڻ سياري جي تہ منڌ جان پيا وسي،
ڪين ڪو تجلو نہ ڪا گجگوڙَ ڇو؟

ڇا ڪيو، ڪنهن لئي ڪيو، ڇو آ ڪيو؟
فلسفو آ زندگي پولوڙَ ڇو؟

ڪالهہ لائنون هولهي گهر مس پڳو،
راهہ ۾ رت ڇاڻ ڳانا، موڙَ ڇو؟

## غزل



### معشوق محسن ابڙو

پنهنجن خُوابن کيِ خود مارڻ، سولو ناهي!
ڪنهن کي کهڙو ڏسجي ڪارڻ؟ سولو ناهي!

شوق ٽُٽِي پيا شيشي وانگي، شعلا شعلا،
ٻَرندڙ ٻارڻَ کي هيئن ٺارڻ؟ سولو ناهي!

ڏِينهَن تَتي جو پَنڌ پهاڙي پيرَ پٿون ٿيا،
سسئي وانگي ڏونگر ڏارڻ، سولو ناهي!

ٿڪَ سَمُورا ٿاندبن تي ٿڪائي پنهنجا،
دَردن جو ڏَڻ دل ۾ ڏارڻ، سولو ناهي!

سُرَ تي سِرَ کي گهورڻ وارو ڏياچ ڏِنوسين،
چنگ وري ڪو چوري چارڻ، سولو ناهي!

لُڙڪَن جي لَهرن کان جيڪو لاتعلق آ،
اَنڻ تارُوءَ کي تِڪَ ۾ تارڻ، سولو ناهي!

سُکَ جو سِجُ پِي اُڀرڻ کان انڪارِي ٿي وِيو،
توبن جيون غمَ ۾ گهارڻ، سولو ناهي!

آڏي ڏاري ”مُحسنَ“ هرهر هَنجون هارڻ،
ڪنهن کي ايڏو سُڏڪِي سارڻ، سولو ناهي!

## غزل



### وفا گل محمد جمالي

مون تہ اعزاز ۾ هر وڇايون اکيون
روڊِ رستا ٻهاري سجايون اکيون

دل جو آڳر اوهان تي نڇاور ڪيان
پير تنهنجا پون ۽ ملايون اکيون

تون هجين منهنجي ديدن جي سامهون هجين
آس ان ۾ سدائين ريجهايون اکيون

نيڻ منهنجا، نہ مون ڏي ڏنائون ڪڏهن
مون ٻہ انڌن ۾ پنهنجون ورهايون اکيون

ڪونہ ملندو اهو جو تو سوچيو آهي
آهي بهتر تہ پنتي ورايون اکيون

زندگي هِي سڄي ڪنهن ”وفا“ آسري
گل محمد دڳن ۾ لڳايون اکيون.

## عبدالرسول ”دربان“ خاصخيليءَ جون وايون



آهي دنيا فاني
هي جوڀن جواني
هميشہ نہ هوندي

فخر فاني ڪهڙو؟
رُو تنهنجي رواني
هميشہ نہ هوندي

سُک ساڻ ڏک ڏور
يارن جي ياراڻي
هميشہ نہ هوندي

سچو نينهن ناتو
ٻي ڪوڙ ڪهاڻي
هميشہ نہ هوندي

نهري پوک پاڻي
زمين باراني
هميشہ نہ هوندي

راضي روح ڪر تہ
هر خواهش نفساني
هميشہ نہ هوندي

اکيون آرسيون
ڪجل ۽ ڪاني
هميشہ نہ هوندي

چمڪ مهڪ چاهہ
زينت زندگاني
هميشہ نہ هوندي

هٿ وڏائي هيڏي
خان تنهنجي خاني
هميشہ نہ هوندي

❊

اَٽڪت خواهشون
جيون مختصر
کهڙي ٽل ٽلجي

سمهڻ سک نہ ڏي
سُور سراسر
کهڙي ٽل ٽلجي

يار ڏار آ
چارئي پهر
کهڙي ٽل ٽلجي

چارڻ جي چنگ جو
ڪتي آ اثر
کهڙي ٽل ٽلجي

ڏهاڙي ڪيڏو
هيٺي سان حشر
کهڙي ٽل ٽلجي

ٻهراڙي ٻريل
پُر شور شهر
کهڙي ٽل ٽلجي

جُهريل جُهوپڙي
غريباڻو گهر
کهڙي ٽل ٽلجي

نااهل عُهدو
اهل دربدر
کهڙي ٽل ٽلجي

فرض يا غرض
ڪانهي خبر
کهڙي ٽل ٽلجي

ٻات وات تان
ڪئين ٿئي گذر
کهڙي ٽل ٽلجي

■

# ڪاڇي جو نرالو ميلو



**تحرير ۽ تصويرون:**
**عباس جنگواڻي**



حضرت پير غازي شاھ عرف عام گاجي شاھ جو ساليانو ميلو جوهي تعلقي، ضلعي دادوءَ جي جابلو (ڪاڇي واري علائقي) ۾ هن سال بہ ڌام ڌوم سان لڳو. ان ميلي جي انفراديت اها آهي تہ سنڌ جي ٻين سيني ميلن جون صرف 3 ڏمالون لڳايون وينديون آهن، پر هن ميلي جون 10 ڏمالون لڳنديون آهن.

هي ميلو سياري جي مند ۾ لڳندو آهي، جنهن ۾ ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان گاجي شاھ جا عقيدتمند ۽ ميلي جا عام شوقين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪندا آهن. اهي ڪئمپون هڻي جهنگل ۾ منگل جو وارو ماحول ٺاهي ڇڏيندا آهن. ميلي ۾ علم دوستن سميت مختلف يونيورسٽين جا شاگرد پڻ هن نرالي ميلي جو مشاهدو ڪرڻ جي لاءِ ايندا آهن، جڏهن تہ فنڪار پڻ شرڪت جي لاءِ ايندا آهن. هن ميلي ۾ بلوچستان جي لوهي، دريجي، شاھ نوراني، سيوهڻ، جهانگارا، ڀان سيدآباد، دادو ۽ واهي پانڌي مان مک رستن ذريعي ماڻهو مختلف سوارين رستي پهچندا آهن.



گاجي شاھ جي ميلي تي خليجي ملڪن جهڙوڪ سعودي عرب ۽ دبئي ۾ سالن کان روزگار سانگي رهندڙ ڪاڇي واسين مان پڻ ڪيترا ماڻهو هن ميلي تي اچي لطف اندوز ٿيندا آهن.

گاجي شاھ جي ميلي ۾ عورتون پڻ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪنديون آهن، جن مان ڪي درگاھ تي، ڪٿي وارن فقيرن پاران وڄائيندڙ سُرندي تي ڌمال هڻنديون آهن.

ميلي ۾ روايتي طور تفريح لاءِ جهولا، سرڪس، ٿئيٽر، موت جا کوھ، چوڏول، چڙيا گھر، ڦرٽيون، هوٽل، ڪتابن ۽ مٺائيءَ جا اسٽال پڻ لڳايا ويندا آهن. اهي سينگاريل دڪان ميلي کي سهڻو بڻائي سگهندا آهن. ميلو گهمڻ ايندڙ عورتون گهريلو ضرورت وارين شين سميت چوڙيون، سينگار جو سامان ۽ مٺايون خريد ڪنديون آهن.

ميلي ۾ لکين ماڻهن جي شرڪت دوران امن امان جي صورتحال تي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ دادو پوليس پاران ميلي توڙي عام روڊ ۽ رستن تي پوليس جي اضافي نفري مقرر ڪئي ويندي آهي. جڏهن تہ حفاظتي قدمن طور درگاھ جي احاطي ۾ داخلي توڙي خارجي رستن تي واڪ ٿرو گيٽ لڳائي عورت توڙي مرد پوليس پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويندا آهن.

سٺي ڳالھ اها آهي تہ گاجي شاھ جو ميلو علائقي جي ماڻهن لاءِ هڪ وڏي روزگار جو سبب پڻ بڻجندو آهي. سرڪاري طور تي ڪاڇي جي هن هڪ وڏي عوامي سرگرميءَ جي موقعي تي بہ علمي ۽ ادبي سرگرمي منعقد ناهي ڪئي ويندي.

افسوس جي ڳالھ اها آهي تہ مختلف راندين جهڙوڪ: ملھ، ڪٻڏي ڪٻڏي ۽ اٺن ۽ گهوڙن جي ڊوڙ وارن ميدانن تي پڻ قبضا ٿيل آهن، جنهن تي سرڪاري سان گڏ گاجي شاھ درگاھ جي سجاده نشين کي اک کولڻ جي ضرورت آهي. ■

